## رکوع 10

## مسلمانن کي يهودين جي گمراهين بابت خبردار ڪرڻ

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۬ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَیْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ٩٢

(٩٢) توهان نيڪيءَ جي درجي کي ڪڏهن بہ پهچي نٿا سگهو، جيستائين توهان (خدا جي راهہ ۾) خرچ نہ ڪيو ان مان جنهن سان توهان کي محبت آهي. جيڪي جيڪي توهان (خدا جي راهہ ۾) خرچ ڪيو ٿا سو بلاشبہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو (۽ ان جو اجر ڏئي ٿو).

كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا لِّبَنِیْۤ اِسْرَآءِيْلَ اِلَّا مَا حَرَّمَ اِسْرَآءِيْلُ عَلٰى نَفْسِهٖ مِنْ قَبْلِ اَنْ تُنَزَّلَ التَّوْرٰىةُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِالتَّوْرٰىةِ فَاتْلُوْهَاۤ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ٩٣

(٩٣) ڪائڻ جون سڀ شيون بني اسرائيلن لاءِ حلال هيون، سواءِ انهن شين جي جيڪي تورات جي نازل ٿيڻ کان بہ اڳي بني اسرائيل پاڻ تي پاڻ حرام ٺهرايون هيون (انهن شين کي خدا حرام ڪونہ ڪيو هو. اي پيغمبر! جيڪڏهن هن باري ۾ يهودي توسان بحث ڪن تہ ڪين) چئو تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي خيال ۾ سچا آهيو تہ تورات ڪڍي اچو ۽ ان کي کولي پڙهو.

فَمَنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ٩٤

(٩٤) پوءِ جيڪي هن (اعلان) بعد بہ (ساڳئي خيال تي قائم رهندا) ۽ الله تعاليٰ تي بهتان ٻڌندا، اهي ئي ظالم (گنهگار) آهن.

قُلْ صَدَقَ اللّٰهُ ۫ فَاتَّبِعُوْا مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ٩٥

(٩٥) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ الله تعاليٰ حق جي ڳالهہ ٻڌائي آهي. (توهان بني اسرائيلن کي جيڪڏهن سچائي قبول ڪرڻي آهي تہ) توهان حضرت ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪيو (جنهن جي مان دعوت ڏئي رهيو آهيان). اهو طريقو آهي غير کي ڇڏي فقط الله جو ٿي رهڻ، ۽ يقيناً حضرت ابراهيم مشرڪن منجهان نہ هو.

اِنَّ اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِیْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى لِّلْعٰلَمِيْنَ ۚ ٩٦

(٩٦) يقيناً پهريون پهرين گهر(عبادتگاهہ) جو انسانن جي لاءِ ٺاهيو ويو، اهو اهوئي آهي جو مڪي معظم ۾ آهي، جو گهڻي برڪت وارو ۽ سڀني انسانن جي لاءِ هدايت جو مرڪز آهي.

فِيْهِ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبْرٰهِيْمَ ۚ۬ وَمَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ؕ وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ؕ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ٩٧

(٩٧) ان ۾ حق جون چٽيون نشانيون موجود آهن، (جن ان مان هڪ آهي اها) جاءِ جتي حضرت ابراهيم بيهي نماز پڙهي هئي. (مقام ابراهيم اڄ تائين موجود ۽ مشهور آهي. ٻي نشاني هيءَ آهي تہ) جيڪو بہ ان جي حدن ۾ داخل ٿيو سو امن امان ۾ رهيو ۽ (هي بہ نشاني آهي تہ) الله جي طرف کان ماڻهن لاءِ هي ڳالهہ بہ ضروري مقرر ڪئي ويئي تہ جيڪو بہ ان تائين پهچڻ جي طاقت سنڀاري سو ان گهر جو حج ڪري، پوءِ جيڪو بہ (هن حقيقت مڃڻ کان) انڪار ڪندو (سو پاڻ کي ئي گمراهہ ڪري خساري هيٺ آڻيندو) بيشڪ الله تعاليٰ سڄي دنيا کان بي نياز ۽ بي پرواهہ آهي. (ڪنهن جي بہ عبادت وغيره جو محتاج ناهي).

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۖ وَاللّٰهُ شَهِيْدٌ عَلٰى مَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۸﴾

(٩٨) (اي پيغمبر انهن کي) چئو تہ اي اهل ڪتاب! توهان (ڄاڻي ٻجهي) الله تعاليٰ جي آيتن کان انڪار ڇو ٿا ڪيو؟ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا تنهن کي الله تعاليٰ ڏسي رهيو آهي.

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ تَبْغُوْنَهَا عِوَجًا وَّاَنْتُمْ شُهَدَآءُ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۹﴾

(٩٩) اي اهل ڪتاب! توهان ايمان آڻيندڙن کي خدا جي راه کان ڇو ٿا روڪيو ۽ ڪين ڏنگي ڦڏي واٽ وناڻڻ ڇو ٿا چاهيو؟ حالانڪ توهان (حقيقت) ڏسي رهيا آهيو. (ياد رکو تہ) جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا، تن بنسبت الله تعاليٰ غافل ناهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تُطِيْعُوْا فَرِيْقًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ يَرُدُّوْكُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ كٰفِرِيْنَ ﴿۱۰۰﴾

(١٠٠) اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان اهل ڪتاب مان ڪنهن ٽوليءَ جي ڳالهين تي عمل ڪندؤ تہ اهي اوهان کي حق جي راه تان ڦيرائي ڇڏيندا ۽ ايمان آڻڻ بعد وري ڪفر ۾ پئجي ويندؤ.

وَكَيْفَ تَكْفُرُوْنَ وَاَنْتُمْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ اٰيٰتُ اللّٰهِ وَفِيْكُمْ رَسُوْلُهٗ ۭ وَمَنْ يَّعْتَصِمْ بِاللّٰهِ فَقَدْ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۱۰۱﴾ ع

(١٠١) ۽ انهن ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو توهان وري ڪفر ڏي موٽي وڃو، جڏهن تہ الله جون آيتون اوهان کي پڙايون وڃن ٿيون ۽ سندس رسول (اوهان جي رهنمائيءَ لاءِ) اوهان ۾ موجود آهي ۽ ياد رکو تہ جيڪو مضبوطيءَ سان الله تعاليٰ ۾ پڪو ايمان رکي ٿو تنهن کي يقيناً سڌيءَ واٽ تي هلڻ جي هدايت ملي ويئي. (ان جي ٿڙڪي وڃڻ جو انديشو ڪونهي).

## رڪوع 11

### مؤمنن جي پاڻ ۾ پائيپي ۽ محبت ۽ هڪبئي کي حق جي دعوت ڏيڻ

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۰۲﴾

(١٠٢) مومنؤ! الله کان ڊڄو، اهڙو ڊڄو جهڙو سچ پچ ڊڄڻ ڇئجي ۽ دنيا مان رحلت ڪري وڃو تنهن کان اڳي پڪا مسلمان ۽ خدا جي فرمانبرداريءَ تي ثابت قدم ٿي وڃو.

وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا ۠ وَاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَاۗءً فَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهٖٓ اِخْوَانًا ۚ وَكُنْتُمْ عَلٰي شَفَا حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنْقَذَكُمْ مِّنْهَا ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۰۳﴾

(١٠٣) ۽ (اي مومنؤ!) سڀ ملي هڪ ٿي الله جي رسيءَ کي مضبوط جهليو ۽ جدا جدا نہ ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي اوهان تي اها نعمت ياد رکو جو ڪڏهن تہ پاڻ ۾ هڪبئي جا دشمن هئو، پر (هاڻي) الله تعاليٰ اوهان جون دليون محبت ۾ ڳنڍي ڇڏيون آهن ۽ سندس فضل ۽ ڪرم سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي وڃا آهيو. توهان جي حالت تہ هي هئي جو توهان باهہ سان ڀريل اونهيءَ کڏ جي ڪناري تي بيٺا هئو (ذرو بہ پير ترڪيو تہ ڌو باهہ ۾). پر الله تعاليٰ توهان کي ان کان بچائي ورتو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجون آيتون (حڪم ۽ نشانيون) چٽيون ڪري ٻڌائي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ من توهان (سعادت جي) راه وٺو.

وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَ

(١٠٤) ۽ ڏسو تمام ضروري ڳالهہ هيءَ آهي تہ توهان ۾ هڪ جماعت

يَأْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰۴﴾

(هرهڪ ڳوٺ ۽ هرهڪ محلي ۾) اهڙي هجي جا نيڪيءَ جي راه جي دعوت ڏيندڙ هجي، نيڪ ڪمن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ۽ براين کان روڪي يقيناً اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيندا (دنيا ۾ توڙي آخرت ۾).

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ تَفَرَّقُوْا وَاخْتَلَفُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۰۵﴾ۙ

(١٠٥) (اي مؤمنو! متان انهن ماڻهن (يهودين) وانگر ٿيو جي (خدا جي دين تي هڪ ٿي رهڻ بدران) جدا جدا ٿيا ۽ اگرچه وٽن (الهي ڪتابن جا) روشن دليل اچي چڪا هئا، تڏهن به هڪ ٻئي سان اختلاف ڪيائون. يقين ڪيو ته اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ وڏو سخت عذاب آهي.

يَّوْمَ تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ وَّتَسْوَدُّ وُجُوْهٌ ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْوَدَّتْ وُجُوْهُهُمْ ۟ اَكَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۱۰۶﴾

(١٠٦) انهيءَ ڏينهن ڪيترائي چهرا نور سان چمڪندا ۽ ڪيترائي ڪارا ٿي ويندا (يعني نيڪ ماڻهو نعمتن ۾ هوندا ۽ بدڪار مصيبتن ۽ عذاب ۾ گرفتار هوندا) پوءِ جن ماڻهن جا چهرا ڪارا ٿي ويندا انهن کي انهيءَ ڏينهن چيو ويندو ته، ڇا توهان ايمان آڻي پوءِ وري ڪفر جي واٽ ورتي؟ چڱو هاڻي (پنهنجي ڪفر جي بدعملن جي عيوض ۾) عذاب جو مزو چکو.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ ابْيَضَّتْ وُجُوْهُهُمْ فَفِيْ رَحْمَةِ اللّٰهِ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۱۰۷﴾

(١٠٧) ۽ جن ماڻهن جا چهرا چمڪندا، اهي الله جي رحمت جي ڇانو ۾ هوندا ۽ هميشہ الله جي رحمت هيٺ رهندا.

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۸﴾

(١٠٨) (اي منهنجا پيغمبر!) اهي الله جون يتون (نشانيون ۽ حڪم) آهن جي اسان حق سان توکي ٻڌائي رهيا آهيون ۽ الله تعاليٰ دنيا جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ نٿو چاهي (بلڪ سچي حڪمت تو سيکاري ۽ مفيد حڪم تو ڏئي ته انهن جي تعميل ڪري دنيا ۽ آخرت ۾ خوشحال ۽ ڪامياب ٿين).

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۱۰۹﴾ۧ

(١٠٩) ۽ جيڪي به آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله ئي جو آهي ۽ سڀ ڳالهيون آخر الله تعاليٰ ڏي موٽڻ واريون آهن (۽ هوئي مناسب فيصلا ڪندو ۽ جزا ۽ سزا ڏيندو).

## رڪوع 21

**بهترين قوم اها هي جيڪا نيڪين جو حڪم ڏئي ۽ برائين کان روڪي.**

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ وَلَوْ اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۱۱۰﴾

(١١٠) (اي مسلمانو) توهان سيني امتن کان بهتر امت آهيو، جو توهان ماڻهن جي (سڌاري) لاءِ نڪري نروار ٿيا آهيو ۽ توهان نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ وارا ۽ براين کان روڪڻ وارا آهيو ۽ الله تي (سچو) ايمان رکڻ وارا آهيو ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب به (مخالفت جي عيوض) ايمان آڻين ها ته سندن لاءِ وڏو فائدو ۽ چڱائي ٿئي ها (۽ هوئي جهان جي سڌاري جو ڪم ڪن ها) انهن ۾ اهڙا به آهن جي ايمان وارا آهن، پر وڏو تعداد انهن ماڻهن جو آهي جي بي فرمان ۽ حق جي راه کان ٻاهر ويندڙ آهن.

لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّآ اَذًى ۭ وَاِنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ يُوَلُّوْكُمُ الْاَدْبَارَ ۣ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١١١﴾

(١١١) هو (اهل ڪتاب ڪيتري به اوهان جي مخالفت ڪن ته به) ٿوري ايذاءَ پهچائڻ کان سواءِ توهان کي ڪو وڏو ضرر پهچائي ڪونه سگندا ۽ جيڪڏهن هو توهان سان لڙائي ڪندا ته پٺي ڏيئي ڀڄندا ۽ ڪڏهن به فتحمند نه ٿيندا.

ضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ اَيْنَ مَا ثُقِفُوْٓا اِلَّا بِحَبْلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبْلٍ مِّنَ النَّاسِ وَبَاۗءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الْمَسْكَنَةُ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّھُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ الْاَنْۢبِيَاۗءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۭ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿١١٢﴾

(١١٢) هنن (يهودين) تي جتي به هجن ذلت ۽ خواري ٿي وسي. سواءِ هن (حالت) جي جو خدا جي عهد يا انسانن جي عهد سان ڪين پناه ملي هجي. (ٻين جي رحم تي زندگي بسر ڪرڻ به درحقيقت وڏي ذلت آهي) خدا جو غضب پاڻ تي آندائون ۽ محتاجي ۽ بدحالي ۾ گرفتار ٿيا. اهو هن ڪري ٿيو جو هو الله جي آيتن (نشانين ۽ حڪمن) کان انڪار ڪندا هئا ۽ نبين کي ناحق قتل ڪندا هئا. اها (حالت) هن ڪري ٿين جو هو نافرماني ۽ سرڪشي ڪرڻ لڳا هئا ۽ (شرارتن ۾) حدون لتاڙي چڪا هئا.

لَيْسُوْا سَوَاۗءً ۭ مِنْ اَھْلِ الْكِتٰبِ اُمَّةٌ قَاۗىِٕمَةٌ يَّتْلُوْنَ اٰيٰتِ اللّٰهِ اٰنَاۗءَ الَّيْلِ وَھُمْ يَسْجُدُوْنَ ﴿١١٣﴾

(١١٣) (ايئن به) ناهي ته سڀ اهل ڪتاب هڪ جهڙا آهن انهن مان هڪڙي ٽولي اهڙن ماڻهن جي آهي جي هدايت جي واٽ تي قائم آهن، هو رات جو اٿي الله جون آيتون پڙهن ٿا ۽ سندس اڳيان سجدو ڪن ٿا.

يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُسَارِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ ۭ وَاُولٰۗىِٕكَ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١١٤﴾

(١١٤) هو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي (سچو) ايمان رکن ٿا، نيڪيءَ جو حڪم ڏين ٿا ۽ براين کان روڪين ٿا، چڱاين ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ ۾ تڪڙا قدم کڻن ٿا ۽ سچ پچ صالح ٻانهن منجهان آهن.

وَمَا يَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلَنْ يُّكْفَرُوْهُ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿١١٥﴾

(١١٥) (سو ياد رکو ته) اهي ماڻهو نيڪ عملن مان جيڪي ڪجھ ڪن ٿا تنهنجو قدر ڪيو ويندو (هنن کي نيڪ عملي جو اجر ضرور ملندو) ۽ جيڪي ماڻهو متقي آهن (يعني خدا جو خوف رکي گناهن کان پرهيز ڪندڙ آهن، اگرچه يهودي عيسائي وغيره هجن) تن جي حال کان الله تعاليٰ بي خبر ناهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِىَ عَنْھُمْ اَمْوَالُھُمْ وَلَآ اَوْلَادُھُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـــًٔـا ۭ وَاُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ ھُمْ فِيْھَا خٰلِدُوْنَ ﴿١١٦﴾

(١١٦) پر بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ۽ نافرمانيءَ جي راهه اختيار ڪئي تن کي سندن مال متاع ۽ آل اولاد، خدا جي عذاب کاب بچائي ڪونه سگهندا. اهي دوزخ ۾ پوندا ۽ هميشه ان ۾ رهندا.

مَثَلُ مَا يُنْفِقُوْنَ فِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَثَلِ رِيْحٍ فِيْھَا صِرٌّ اَصَابَتْ حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَھُمْ فَاَھْلَكَتْهُ ۭ وَمَا ظَلَمَھُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ اَنْفُسَھُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١١٧﴾

(١١٧) دنيا جي هن زندگيءَ ۾ هي ماڻهو جيڪي خرچ ڪن ٿا ان جو مثال اهڙو آهي جهڙو ان هوا جو لڳڻ جنهن ۾ پارو هجي. انهيءَ پاري واريءَ هوا انهن ماڻهن جي کيتيءَ کي ساڙي ناس ڪري ڇڏيو، جن ماڻهن (تڪليفون ڪري پوک ته پوکي پر) هڪبئي تي ظلم ڪيا ۽ گناهن جا ڪم ڪيا. (سي تباه ٿي ويا) الله تعاليٰ مٿن ظلم ڪونه ڪيو پر پاڻ پنهنجي هٿن سان پاڻ تي ظلم ڪيائون.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا بِطَانَةً مِّنْ
دُوْنِكُمْ لَا يَاْلُوْنَكُمْ خَبَالًا ؕ وَدُّوْا مَا
عَنِتُّمْ ۚ قَدْ بَدَتِ الْبَغْضَآءُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ۖۚ
وَمَا تُخْفِيْ صُدُوْرُهُمْ اَكْبَرُ ؕ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ
الْاٰيٰتِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۱۸﴾

(١١٨) مومنؤ! پنهنجن ماڻهن کان سواءِ ٻين کي پنهنجو همراز ۽ حال محرم نہ بڻايو، (نڪي ٻين تي ڀروسو ۽ اعتماد رکو). هنن ماڻهن جو (يعني دشمنن جو) حال هيءُ آهي جو توهان جي خلاف فتنہ انگيزيءَ ۾ گهٽتائي ڪرڻ وارا ناهن. جنهن ڳالهہ ۾ اوهان کي نقصان پهچي سا هنن کي وڻي ٿي. هنن جي دشمني هنن جي ڳالهين مان ئي ظاهر آهي پر جيڪي هو دلين ۾ لڪائين ٿا سو ان کان بہ وڌيڪ آهي. جيڪڏهن توهان کي ڪجهہ بہ عقل آهي (تہ ڏسي سگهندؤ) تہ اسان توهان جي لاءِ پنهنجون نشانيون چٽيون ڪري ڇڏيون آهن.

هٰٓاَنْتُمْ اُولَآءِ تُحِبُّوْنَهُمْ وَلَا يُحِبُّوْنَكُمْ وَ
تُؤْمِنُوْنَ بِالْكِتٰبِ كُلِّهٖ ۚ وَاِذَا لَقُوْكُمْ قَالُوْٓا
اٰمَنَّا ۖۚ وَاِذَا خَلَوْا عَضُّوْا عَلَيْكُمُ الْاَنَامِلَ
مِنَ الْغَيْظِ ؕ قُلْ مُوْتُوْا بِغَيْظِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۱۹﴾

(١١٩) ڏسو توهان جو حال تہ هي آهي جو توهان هنن (دشمنن) سان حب ۽ دوستي ٿا رکو پر هنن جو حال هي آهي جو توهان کي (هڪ گهڙيءَ لاءِ) حب نٿا ڪن. توهان الله تعاليٰ جي سڀني ڪتابن تي ايمان آڻيو ٿا (هنن جي ڪتابن جي بہ عزت ڪيو ٿا پر هنن جي حالت ابتڙ آهي) هو جڏهن اوهان سان ملن ٿا تڏهن چون ٿا تہ اسان بہ ايمان آندو آهي، پر جڏهن اوهان کان پري اڪيلا ٿين ٿا تڏهن توهان جي خلاف ڪاوڙجي جوش ۾ ڏند ڪرٽڻ لڳن ٿا. (غور ڪيو تہ اهڙن دشمنن کي ڪيئن همراز بڻائڻ جائز ٿي سگهي ٿو. اي پيغمبر! تون انهن دشمنن کي) چئو تہ، (رکو ڏند نہ ڪرٽيو پر) ڪاوڙ جي جوش ۾ پاڻ کي ماري وجهو (تہ بہ جيڪي ٿيڻو هوندو سوئي ٿيندو) ۽ ياد رکو تہ جيڪي سينن ۾ لڪل آهي سو بہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو

اِنْ تَمْسَسْكُمْ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۡ وَاِنْ
تُصِبْكُمْ سَيِّئَةٌ يَّفْرَحُوْا بِهَا ؕ وَاِنْ تَصْبِرُوْا
وَتَتَّقُوْا لَا يَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ
بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿۱۲۰﴾

(١٢٠)(اي مومنؤ!) توهان کي چڱائي رسي ٿي تہ هنن کي ڏک ٿو ٿئي ۽ توهان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ هو ان تي خوشيون ٿا ڪن، (پر ياد رکو تہ) جيڪڏهن توهان (مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ بہ) صبر ڪندو (يعني خدا جا حڪم بجا آڻيندا رهندؤ) تہ پوءِ هنن (دشمنن جا) فريب ۽ حيلا اوهان کي ڪجهہ بہ ضرر نہ پهچائيندا. جيڪي بہ هو ڪن ٿا تنهن کي الله جي قدرت گهيريون بيٺي آهي.

**رڪوع 13**

**بدر ۽ احد جي جنگين جي نتيجن مان نصيحت.**

وَاِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ
مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۲۱﴾

(١٢١) ۽ (اي پيغمبر اهو وقت ياد ڪر) جڏهن تون صبح جو سويل پنهجي گهر مان نڪتو هئين ۽ (احد جي ميدان ۾) لڙائي جي لاءِ مؤمنن کي مورچن ۾ وهاري رهيو هئين ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

إِذْ هَمَّتْ طَّآئِفَتَانِ مِنكُمْ أَن تَفْشَلَا ۙ وَاللَّهُ وَلِيُّهُمَا ۗ وَعَلَى اللَّهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُونَ ﴿١٢٢﴾

(١٢٢) پوءِ (ڇا ٿيو جو) اوهان مان (يعني مسلمانن مان) ٻن ٽولين ارادو ڪيو تہ همت هاري ڇڏين (۽ موٽي وڃن) حالانڪ الله تعاليٰ سندن مددگار هو. ايمان وارن کي تہ گهرجي تہ (هر حال ۾) الله تعاليٰ تي ڀروسو رکن.

وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللَّهُ بِبَدْرٍ وَأَنتُمْ أَذِلَّةٌ ۖ فَاتَّقُوا اللَّهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿١٢٣﴾

(١٢٣) (ياد رکو) تہ بيشڪ الله تعاليٰ بدر جي جنگ ۾ اوهان کي فتح ڏني هئي اگرچہ توهان تمام ڪريل حالت ۾ هئا. تنهن ڪري توهان خدا کان ڊڄو (۽ سندس نافرماني کان بچو) تہ توهان سندس نعمتن جو قدر ڪيو.

إِذْ تَقُولُ لِلْمُؤْمِنِينَ أَلَن يَكْفِيَكُمْ أَن يُمِدَّكُمْ رَبُّكُم بِثَلَاثَةِ آلَافٍ مِّنَ الْمَلَآئِكَةِ مُنزَلِينَ ﴿١٢٤﴾

(١٢٤) (اي پيغمبر! اهو وقت ياد ڪر) جڏهن تون (جنگ جي ميدان ۾) مؤمنن کي چئي رهيو هئين تہ ڇا اوهان جي لاءِ هي ڪافي ناهي تہ الله (ٽي هزار دشمن جي مقابلي ۾) ٽي هزار فرشتا موڪلي اوهان جي مدد ڪري.

بَلَىٰ ۚ إِن تَصْبِرُوا وَتَتَّقُوا وَيَأْتُوكُم مِّن فَوْرِهِمْ هَٰذَا يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُم بِخَمْسَةِ آلَافٍ مِّنَ الْمَلَآئِكَةِ مُسَوِّمِينَ ﴿١٢٥﴾

(١٢٥) ها بيشڪ! جيڪڏهن توهان صبر ۽ ثابت قدمي ڏيکاريو ۽ تقويٰ جي راهہ اختيار ڪيو ۽ دشمن انهيءَ دم توهان تي ترڪڙا ڪاهي پون تہ اوهان جو پروردگار (ٽن هزارن ملائڪن سان نہ پر) پنج هزار نشان رکندڙ ملائڪن سان اوهان جي مدد ڪندو.

وَمَا جَعَلَهُ اللَّهُ إِلَّا بُشْرَىٰ لَكُمْ وَلِتَطْمَئِنَّ قُلُوبُكُم بِهِ ۗ وَمَا النَّصْرُ إِلَّا مِنْ عِندِ اللَّهِ الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ ﴿١٢٦﴾

(١٢٦) ۽ ياد رکو تہ هي ڳالهہ جا چئي ويئي سا فقط هن لاءِ تہ توهان جي لاءِ (فتح جي) خوشخبري ٿئي ۽ توهان جي دلين کي ان جي وسيلي تسلي ۽ ڏڍ اچي. مدد ۽ فتح فقط الله وٽان ملي ٿي جو سيني تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

لِيَقْطَعَ طَرَفًا مِّنَ الَّذِينَ كَفَرُوا أَوْ يَكْبِتَهُمْ فَيَنقَلِبُوا خَآئِبِينَ ﴿١٢٧﴾

(١٢٧) ۽ پڻ هن لاءِ تہ ڪافرن جي طاقت جو ڪجهہ حصو وڍي بيڪار ڪيو وڃي يا هنن کي اهڙو ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي جو هو مراد حاصل ڪرڻ کان سواءِ پنئين پير موٽي هليا وڃن.

لَيْسَ لَكَ مِنَ الْأَمْرِ شَيْءٌ أَوْ يَتُوبَ عَلَيْهِمْ أَوْ يُعَذِّبَهُمْ فَإِنَّهُمْ ظَالِمُونَ ﴿١٢٨﴾

(١٢٨) (اي پيغمبر!) هن معاملن ۾ (يعني حق جي دشمنن کي بخشڻ يا نہ بخشڻ ۾) توکي ڪوئي دخل ڪونهي. (تنهنجو ڪم آهي ماڻهن کي حق جي دعوت ڏيڻ ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ مايوس نہ ٿيڻ) هي الله جي هٿ آهي تہ جنهن کي وٽيس تنهن کي معاف ڪري ۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي عذاب ڏئي، ڇو تہ، يقيناً هو ظالم آهن.

وَلِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ ۚ يَغْفِرُ لِمَن يَشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَن يَشَآءُ ۚ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿١٢٩﴾

(١٢٩) جيڪي زمين ۽ آسمان ۾ آهي سو سڀ ڪجهہ الله جو آهي، جنهن کي وٽيس تنهن کي بخشي ۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي عذاب ڪري (ڪوبہ ڪيس روڪي نٿو سگهي ۽ ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

## رکوع 14

**وياج جي منع، متقي اهي آهن جيڪي آسودگي توڙي سجائيءَ جي حالت ۾ خدا جي راھ ۾ مال خرچ ڪن ٿا.**

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰوٓا اَضْعَافًا مُّضٰعَفَةً ۖ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۚ ﴿١٣٠﴾

(١٣٠) مومنؤ! وياج نہ کائو جو (مور ۾ گڏجي ٿو تہ اصل رقم) ٻيڻي چوڻي ٿي وڃي ٿي. الله کان ڊڄو (۽ سندس نافرمانيءَ کان بچو) انهيءَ لاءِ توهان ڪامياب ٿيو (۽ نعمتون حاصل ڪيو).

وَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْٓ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ۚ ﴿١٣١﴾

(١٣١) ۽ انهيءَ باھ جي عذاب کان ڊڄو (۽ ان کان بچڻ لاءِ احتياط رکو) جا باھ ڪافرن جي لاءِ تيار رکي ويئي آهي.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ۚ ﴿١٣٢﴾

(١٣٢) ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ الله جي رحمت جي لائق ٿيو.

وَسَارِعُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ ۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ۙ ﴿١٣٣﴾

(١٣٣) پنهنجي پروردگار جي مغفرت (بخشائش) ڏانهن تڪڙا ڊوڙو ۽ پڻ انهيءَ جنت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي پکيڙ ايڏي آهي جيڏي آسمانن ۽ زمينن جي (يعني سڄي ڪائنات جي) ۽ جا جنت متقي انسانن لاءِ تيار رکي آهي.

الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ فِي السَّرَّآءِ وَالضَّرَّآءِ وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ۗ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ۚ ﴿١٣٤﴾

(١٣٤) اهي متقي اهي انسان آهن جيڪي آسودگي توڙي سجائي جي حالت ۾ (خدا جي راھ ۾) مال خرچ ڪن ٿا ۽ ڪاوڙ کي ضابطي هيٺ رکن ٿا ۽ ماڻهن جا قصور معاف ڪري ڇڏين ٿا. (اهي نيڪ عمل ڪندڙ آهن) ۽ الله تعاليٰ نيڪ عمل ڪندڙن سان محبت ٿو رکي.

وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ ۖ وَمَنْ يَّغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اللّٰهُ ۖ وَلَمْ يُصِرُّوْا عَلٰى مَا فَعَلُوْا وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٥﴾

(١٣٥) ۽ اهي متقي انسان اهي آهن جيڪي جڏهن ڪو سخت خراب ڪم ڪري ٿا ويهن يا ڪو گناھ جو ڪم ڪري پنهنجي جانين کي مصيبت ۾ وجهن ٿا تڏهن هڪدم خدا جي يادگيري ڪن ٿا (۽ پنهنجي ضمير جي ملامت محسوس ڪن ٿا) ۽ خدا کان پنهنجي گناهن جي معافي گهرن ٿا ۽ جيڪي گناھ جا ڪم هنن کان ٿي ويا آهن تن تي ڄاڻي ٻجهي قائم نٿا رهن. (بلڪ گناهن کان باز اچن ٿا) ۽ خدا کان سواءِ ڪير آهي جو گناھ بخشي ڇڏي.

اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ مَّغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَجَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۗ وَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ۗ ﴿١٣٦﴾

(١٣٦) انهن ئي جي واسطي انهن جي پوردگار جي طرفان معافي ۽ بخشش جو اجر آهي ۽ (دائمي نعمتن جا) باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. اهي هميشہ انهن باغن ۾ رهندا ۽ (ڏسو تہ) ڪهڙو نہ عمدو اجر آهي جو نيڪ عمل ڪندڙن کي ملندو.

قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ سُنَنٌ ۙ فَسِيْرُوْا فِي

(١٣٧) (۽ ڏسو تہ) توهان کان اڳي بہ دنيا ۾ (قومن جي ترقي ۽ تنزل جون)

| | |
|---|---|
| الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۱۳۷﴾ | واٽون ۽ قانون ظاهر ٿي چڪا آهن (جن چڱا عمل ڪيا تن ترقي ڪري نعمتون ماڻيون ۽ جن بدعمل ڪيا تن تي مصيبتون نازل ٿيون) پوءِ توهان دنيا جو سير ڪري پنهنجي اکين سان (کنڊر ۽ نشان) ڏسو ۽ معلوم ڪريو ته جن خدا جي حڪمن کي ڪوڙو ٺهرايو (۽ ابتڙ عمل ڪيائون) تن جي پڇاڙي ڪهڙي نه خراب ٿي (۽ بدعملن جي بدلي ۾ ڪهڙيون نه مصيبتون ڏسي برباد ٿي ويا.) |
| هٰذَا بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۸﴾ | (١٣٨) هي ماڻهن جي (بصيرت) لاءِ هڪ چٽو بيان آهي ۽ متقي ماڻهن لاءِ هدايت ۽ نصيحت آهي. |
| وَلَا تَهِنُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳۹﴾ | (١٣٩) ۽ (ڏسو مشڪلاتن ۽ شڪست جي حالت ۾ به) همت نه هاريو، نڪي غمگين ٿيو. جيڪڏهن توهان سچا مومن آهيو ته سڀني کان مٿاهان هوندو. |
| اِنْ يَّمْسَسْكُمْ قَرْحٌ فَقَدْ مَسَّ الْقَوْمَ قَرْحٌ مِّثْلُهٗ ۭ وَتِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ ۚ وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَتَّخِذَ مِنْكُمْ شُهَدَاۗءَ ۭ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۴۰﴾ | (١٤٠) جيڪڏهن توهان کي (احد جي لڙائيءَ ۾) زخم لڳو آهي ته (غمگين ۽ ملول نه ٿيو) پوءِ تحقيق ٻي ڌر کي به اهڙو زخم رسيو آهي. اهي (فتح شڪست جا) موقعا اسان انسانن ۾ هيڏي هوڏي ڦيرائي رهيا آهيون (توهان همت نه هاريو جو هن حادثي ۾ گهڻيون ئي مصلحتون رکيل آهن) ۽ (اهو سڀ هن لاءِ ٿيو ته هن ڳالهه جي) آزمائش ٿئي ته ڪير سچا مومن آهن (۽ ڪير سچا نه آهن) ۽ هن لاءِ ته توهان مان ڪن کي (واقعن جي نتيجن جو) شاهد (ڏسندڙ ۽ سمجهندڙ) ڪجي. الله تعاليٰ ظلم ڪندڙن کي نٿو پسند ڪري. |
| وَلِيُمَحِّصَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَمْحَقَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۱﴾ | (١٤١) ۽ (هن حادثي ۾ هي به) مصلحت هئي ته الله مومنن کي (ڪن ڪمزورين کان) پاڪ ڪري ۽ حق جي منڪرن کي (ڪمزورين کان پاڪ ٿيل طاقتور مومنن هٿان) آخر برباد ڪري ڇڏي. |
| اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَيَعْلَمَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۴۲﴾ | (١٤٢) (مسلمانو) توهان ائين ٿا سمجهو ڇا ته (خالي ايمان جي دعوي ڪري) جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ (۽ ايمان ۽ عمل جي آزمائش ئي ڪانه ٿيندي؟) (اڃا ته اهڙو موقعو ئي) ڪونه آيو آهي جنهن سان الله تعاليٰ اوهان کي آزمائي ظاهر ڪري ڏيکاري ته ڪهڙا ماڻهو حق جي راه ۾ پصري پوري ڪوشش ڪندڙ آهن ۽ ڪهڙا مشڪلاتن ۾ به ثابت قدم رهڻ وارا آهن |
| وَلَقَدْ كُنْتُمْ تَمَنَّوْنَ الْمَوْتَ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَلْقَوْهُ ۠ فَقَدْ رَاَيْتُمُوْهُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۱۴۳﴾ | (١٤٣) ۽ هي حقيقت آهي ته جيستائين توهان کي موت جي سامهون اچڻو ڪونه پيو هو تيستائين حق جي راه ۾ مرڻ جي خواهش رکندا هئو (۽ ضد ڪيو هو ته مديني کان ٻاهر نڪري دشمن جو مقابلو ڪريون) پر پوءِ جڏهن موت توهان جي سامهون اچي ويو تڏهن ڏسندي ڏسندي ٻيهي رهيو. |

## رکوع 15

### احد جي جنگ ۾ شڪست کائڻ مان وڏيڪ عبرتون ۽ نصيحتون.

وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوۡلٌ ۚ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِ الرُّسُلُ ؕ اَفَا۟ئِنۡ مَّاتَ اَوۡ قُتِلَ انۡقَلَبۡتُمۡ عَلٰٓى اَعۡقَابِكُمۡ ؕ وَمَنۡ يَّنۡقَلِبۡ عَلٰى عَقِبَيۡهِ فَلَنۡ يَّضُرَّ اللّٰهَ شَيۡـًٔا ؕ وَسَيَجۡزِى اللّٰهُ الشّٰكِرِيۡنَ ﴿۱۴۴﴾

(١٤٤) (حضرت) محمد (ﷺ الله ناهي) فقط الله جو رسول آهي، کانئس اڳي به الله جا رسول ٿي گذريا هن. (جيڪي حق جي دعوت ڏيئي دنيا مان هليا ويا) پوءِ جيڪڏهن هو (حضرت محمدﷺ) هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري (هڪ ڏينهن نيٺ ته رحلت ڪرڻ وارو آهي) يا لڙائيءَ ۾ شهيد ٿئي ته پوءِ توهان حق جي راه کان پنئن پير ڦري ويندؤ ڇا؟ جيڪوحق جي واٽ کان پنئين پير ڦري ويندو اهو (پنهنجوئي نقصان ڪندو) خدا جو ڪجهه به بگاڙي نه سگهندو. جي ماڻهو شڪر گذار آهنڌ (يعني حق جي نعمتن جو قدر ڪندڙ آهن) تن کي الله تعاليٰ ان شڪر گذاريءَ جو اجر عطا فرمائيندو.

وَمَا كَانَ لِنَفۡسٍ اَنۡ تَمُوۡتَ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ كِتٰبًا مُّؤَجَّلًا ؕ وَمَنۡ يُّرِدۡ ثَوَابَ الدُّنۡيَا نُؤۡتِهٖ مِنۡهَا ۚ وَمَنۡ يُّرِدۡ ثَوَابَ الۡاٰخِرَةِ نُؤۡتِهٖ مِنۡهَا ؕ وَسَنَجۡزِى الشّٰكِرِيۡنَ ﴿۱۴۵﴾

(١٤٥) ۽ (ياد رکو ته) خدا جي حڪم کان سواءِ ڪو به مري نٿو وڃي. هر انسان جي لاءِ هڪ خاص وقت مقرر ڪيل آهي، (موت جي خوف کان توهان جا قدم ڇو پوئتي هٽڻ گهرجن) ۽ جيڪو به ماڻهو دنيا جو فائدو چاهي ٿو تنهن کي اهو ملندو. اسان (حق جي نعمتن جي) ڪندڙن کي (هنن جي نيڪ عملي جو) اجر ضرور ڇينداسين.

وَكَاَيِّنۡ مِّنۡ نَّبِىٍّ قٰتَلَ ۙ مَعَهٗ رِبِّيُّوۡنَ كَثِيۡرٌ ۚ فَمَا وَهَنُوۡا لِمَاۤ اَصَابَهُمۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَمَا ضَعُفُوۡا وَمَا اسۡتَكَانُوۡا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۴۶﴾

(١٤٦) ۽ (ڏسو) ڪيترائي نبي سڳورا ٿي گذريا آهن جن لڙايون ڪيون ۽ هنن سان شامل ٿي ڪيترن ئي رباني نيڪ ماڻهن به جنگيون ڪيون. پر ائين نه ٿيو جو خدا جي راه ۾ جيڪي سختيون هنن کي پيش آيون تن جي سبب کان بي همت ٿيا ۽ نه ائين ٿيو جو ڪمزوري ڏيکاريون، نه ڪي (دشمن جي اڳيان) عاجزي ۽ بيوسي ظاهر ڪيايون. الله تعاليٰ ته انهن کي حب ٿو ڪري (جي سخت مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ به) ثابت قدم رهن ٿا.

وَمَا كَانَ قَوۡلَهُمۡ اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوۡا رَبَّنَا اغۡفِرۡ لَنَا ذُنُوۡبَنَا وَاِسۡرَافَنَا فِىۡۤ اَمۡرِنَا وَثَبِّتۡ اَقۡدَامَنَا وَانۡصُرۡنَا عَلَى الۡقَوۡمِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۱۴۷﴾

(١٤٧) ۽ (سختئن ۽ مصيبتن ۾ به) هنن جي زبان منجهان هن کان سواءِ ڪو لفظ نه نڪرندو هو ته، اي خدا اسان جا گناه معاف ڪر، اسان کان اسان جي ڪمن ۾ جيڪي زيادتيون ٿي ويون هجن سي درگذر ڪري ڇڏ. اسان جا قدم حق جي راه ۾ ڄمائي رک ۽ حق جي منڪر قوم تي اسان کي فتح ڏي.

فَاٰتٰٮهُمُ اللّٰهُ ثَوَابَ الدُّنۡيَا وَحُسۡنَ ثَوَابِ الۡاٰخِرَةِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۴۸﴾ ع

(١٤٨) پوءِ جڏهن ته هنن جي ايمان ۽ عمل جي اها اعليٰ حالت هئي تڏهن (الله تعاليٰ هنن کي دنيا جو به فائدو ڏنو (جو هو فتحمند ٿا، حاڪم ٿيا ۽ آسوده حال ٿيا) ۽ آخرت جو گهڻو وڏو ۽ سنو فائدو به ڏنو (جو دائمي نعمتن جا حقدار ٿيا) ۽ بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي ئي محبت ڪري ٿو جي نيڪ ڪم ڪندڙ آهن.

## رکوع 16

**جلدئي اسان حق جي منڪرن جي دلين ۾ اوهان جي هيبت وجهنداسين**

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تُطِيْعُوا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَرُدُّوْكُمْ عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾

(١٤٩) مؤمنو! جيڪڏهن توهان ڪافرن جي چوڻ تي لڳندؤ (جي توهان کي دشمن جي گهٽائي ۽ طاقت کان ڊيڄارين ٿا) ته (پوءِ ياد رکو ته) هو اوهان کي حق جي راهه کان پوئين پير ڦيرائي ڇڏيندا ۽ اوهان (سعادت جي واٽ ڇڏي) نقصان ۽ تباهي هيٺ ايندؤ.

بَلِ اللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ النّٰصِرِيْنَ ﴿١٥٠﴾

(١٥٠) سو (دشمنن جي گهٽائي ۽ طاقت کان ڊڄي جنگ ڪرڻ کان متان هٽو) توهان جو نگهبان ۽ محافظ الله آهي ۽ هو بهترين مدد ڪندڙ آهي.

سَنُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ بِمَآ اَشْرَكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا ۚ وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ۭ وَبِئْسَ مَثْوَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٥١﴾

(١٥١) جلدئي اسان حق جي منڪرن جي دلين ۾ اوهان جي هيبت وجهنداسين، ائين هن ڪري ٿيندو جو هنن الله سان ٻين هستين کي شريڪ ٺهرايو آهي جن لاءِ الله تعاليٰ ڪابه سند نازل نه ڪئي آهي. انهن جي جاءِ آخر دوزخ آهي، ظالمن جي آخري جاءِ (دوزخ) کهڙي نه خراب آهي.!

وَلَقَدْ صَدَقَكُمُ اللّٰهُ وَعْدَهٗٓ اِذْ تَحُسُّوْنَهُمْ بِاِذْنِهٖ ۚ حَتّٰٓى اِذَا فَشِلْتُمْ وَتَنَازَعْتُمْ فِي الْاَمْرِ وَعَصَيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَآ اَرٰىكُمْ مَّا تُحِبُّوْنَ ۭ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الدُّنْيَا وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۚ ثُمَّ صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ ۚ وَلَقَدْ عَفَا عَنْكُمْ ۭ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَلَي الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٥٢﴾

(١٥٢) ۽ بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي مدد ۽ فتح جو واعدو اوهان کي سچو ڪري ڏيکاريو، جڏهن توهان سندس حڪم سان دشمنن کي (خدا جي ميدان ۾) ماري ماري ڀڄائي رهيا هئو (فتح توهان جي هئي) پر جڏهن اسان توهان کي (فتح جو جلوو) ڏيکاريو جو توهان کي تمام گهڻو وڻي ٿو تڏهن توهان پاڻ ڪمزوري ڏيکاري ۽ جنگ جي باري ۾ هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪرڻ لڳو، (هڪڙي تير اندازن جي ٽوليءَ چيو ته هاڻي مورچي تي بيهڻ ضروري ڪونهي، ٻئي چيو ته ضرور آهي) ۽ آخر (پنهنجي سردار الله جي رسول جي حڪم جي) نافرماني ڪئي. اوهان ۾ ڪي اهڙا هئا جي دنيا جا طالب هئا (دولت جي مال جي پٺيان پيا) ۽ ڪي اهڙا هئا جي آخرت جا طالب هئا (جنگ ۾ ثابت قدم رهيا ۽ شهيد ٿا) پوءِ اسان به اوهان جو رخ دشمن جي طرف کان ڦيرائي ڇڏيو، انهيءَ ته اوهان کي (هن حادثي سان) آزمايون (اهڙيءَ طرح توهان جي فتح بعد اوهان کي شڪست آئي). پر يقيناً الله تعاليٰ توهان جو قصور معاف ڪيو ۽ بيشڪ الله تعاليٰ جو مومنن تي وڏو فضل آهي.

اِذْ تُصْعِدُوْنَ وَلَا تَلْوٗنَ عَلٰٓي اَحَدٍ وَّالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ فِيْٓ اُخْرٰىكُمْ فَاَثَابَكُمْ غَمًّۢا بِغَمٍّ لِّكَيْلَا تَحْزَنُوْا عَلٰي مَا فَاتَكُمْ وَلَا مَآ اَصَابَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٥٣﴾

(١٥٣) (اهو وقت به ياد ڪيو) جڏهن (جنگ مان ڀڄي) مٿاهين ڏانهن چڙهي رهيا هيؤ ۽ (حراس ۾ ايتري قدر گرفتار ٿي ويا جو) رڳو هڪٻئي ڏي منهن ڦيرائي نهاريو به ڪين ٿي ۽ الله جو رسول اوهان کي پٺيان پڪاري رهيو هو. (سو جڏهن توهان جو حال اهو هو) تڏهن الله به اوهان کي غم پٺيان غم ڏنو. انهيءَ لاءِ ته (هن حادثي مان عبرت وٺو ۽ آئينده)

نڪي انهي لاءِ غم ڪيو. جيڪي اوهان جي هٿن مان هليو ويو هجي، نڪي انهيءَ مصيبت تي غم ڪيو جا اوهان جي مٿان ڪڙڪي. جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا تنهنجي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي.

ثُمَّ اَنۡزَلَ عَلَيۡكُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ الۡغَمِّ اَمَنَةً نُّعَاسًا يَّغۡشٰى طَآئِفَةً مِّنۡكُمۡ‌ۙ وَطَآئِفَةٌ قَدۡ اَهَمَّتۡهُمۡ اَنۡفُسُهُمۡ يَظُنُّوۡنَ بِاللّٰهِ غَيۡرَ الۡحَـقِّ ظَنَّ الۡجَاهِلِيَّةِ‌ ؕ يَقُوۡلُوۡنَ هَلۡ لَّنَا مِنَ الۡاَمۡرِ مِنۡ شَىۡءٍ‌ ؕ قُلۡ اِنَّ الۡاَمۡرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ‌ ؕ يُخۡفُوۡنَ فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ مَّا لَا يُبۡدُوۡنَ لَكَ‌ ؕ يَقُوۡلُوۡنَ لَوۡ كَانَ لَنَا مِنَ الۡاَمۡرِ شَىۡءٌ مَّا قُتِلۡنَا هٰهُنَا ‌ؕ قُلۡ لَّوۡ كُنۡتُمۡ فِىۡ بُيُوۡتِكُمۡ لَبَرَزَ الَّذِيۡنَ كُتِبَ عَلَيۡهِمُ الۡقَتۡلُ اِلٰى مَضَاجِعِهِمۡ‌ۚ وَلِيَبۡتَلِىَ اللّٰهُ مَا فِىۡ صُدُوۡرِكُمۡ وَلِيُمَحِّصَ مَا فِىۡ قُلُوۡبِكُمۡ‌ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ﴿۱۵۴﴾

(١٥٤) پوءِ الله تعاليٰ غم بعد اوهان مان هڪ جماعت تي بي خوفي جي ننڊ آندي (يعني دلين کي تسلي ۽ آرام اچي ويو) پر ٻي ٽولي اوهان ۾ اهڙي هئي جن کي انهيءَ وقت به رڳو پنهنجي سر جي اچي لڳي ۽ الله تعاليٰ بابت جاهليت جي زماني وارا غلط ۽ بيجا وهم ۽ گمان ڪرڻ لڳا. اهي ماڻهو چوڻ لڳا ته هن معاملي ۾ اسان کي ڪو اختيار هو ڇا؟ (يعني اسان جي راه تي عمل ٿئي ها ته اهڙي حالت نه بڻجي ها. هنن کي) چئو ته (نه رڳو هي معاملو) پر سڀئي ڳالهيون الله ئي جي اختيار ۾ آهن. (پر الله تعاليٰ جو قانون آهي ته جهڙا عمل ۽ سبب تهڙا نتيجا نڪرن ٿا) (حقيقت هي آهي ته) جيڪي هنن ماڻهن جي دلين ۾ آهي سو توکان لڪائين ٿا. (هنن جي ائين چوڻ جو اصل مطلب هي آهي) هو چون ٿا ته جيڪڏهن هن معاملي ۾ اسان جي لاءِ فتح هجي ها ته هن طرح هتي اسان جي ماڻهن جو اهڙو قتل نه ٿئي ها. (اي پيغمبر! انهن کي) چئي ڏي ته جيڪڏهن توهان پنهنجي گهرن ۾ ويٺا هجو ها ته به جن کي قتل ٿيڻو هو سي ضرور هرن مان نڪرن ها ۽ پنهنجي مارجڻ جي جاءِ تي پهچي وڃن ها ۽ هي (سڀ) انهيءِ لاءِ ٿيو ته جيڪي توهان جي دلين ۾ لڪل آهي، تنهنجي لاءِ الله تعاليٰ اوهان کي آزمائش ۾ وجهي ۽ جيڪي (خراب خيال)اوهان جي دلين ۾ پيدا ٿيا هئا اهي ڪڍي ڇڏي ۽ جيڪي دلين ۾ لڪل آهي سو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو.

اِنَّ الَّذِيۡنَ تَوَلَّوۡا مِنۡكُمۡ يَوۡمَ الۡتَقَى الۡجَمۡعٰنِ ۙ اِنَّمَا اسۡتَزَلَّهُمُ الشَّيۡطٰنُ بِبَعۡضِ مَا كَسَبُوۡا ۚ وَلَقَدۡ عَفَا اللّٰهُ عَنۡهُمۡ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ حَلِيۡمٌ ﴿۱۵۵﴾

(١٥٥) اوهان مان جن ماڻهن انهيءَ ڏينهن لڙائي ۾ پٺي ڏني هئي، جنهن ڏينهن ٻنهي لشڪرن هڪ ٻئي جو مقابلو ڪيو هو، تن جي انهيءَ غلطيءَ جو سبب هيءُ هو جو جيڪي خطائون هنن ڪيون هيون تنهن مان ڪن خطائن سبب شيطان هنن جا قدم منجهائي ڇڏيا. (ائين نه هو ته هن جي ايمان ۾ خلل هو) الله تعاليٰ هنن جي غلطي معاف ڪئي. يقيناً الله تعاليٰ معاف ڪندڙ ۽ تحمل وارو آهي.

## رڪوع 17

**الله جي رستي ۾ ڏنل قرباني کي نه جتايو، مصلح نرم ۽ مهربان هجو، سخت مزاجي ۽ سنگدلي ماڻهن کي ڀڄائي ٿي.**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَكُوۡنُوۡا كَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَقَالُوۡا لِاِخۡوَانِهِمۡ اِذَا ضَرَبُوۡا فِى الۡاَرۡضِ اَوۡ

(١٥٦) اي ايمان وارؤ! اوهان انهن وانگر نه ٿيو جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ جڏهن سندن ڀائر ڪنهن سفر تي وڃن ٿا يا لڙائي ڪن ٿا ۽ اهي مري يا

كَانُوْا غُزًّى لَّوْ كَانُوْا عِنْدَنَا مَا مَاتُوْا وَمَا قُتِلُوْا ۚ لِيَجْعَلَ اللّٰهُ ذٰلِكَ حَسْرَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ وَاللّٰهُ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۗ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿١٥٦﴾

مارجي وڃن ٿا ته پوءِ اهي چوڻ لڳن ٿا ته جيڪڏهن هو اسان وٽ هجن ها ته نڪي مرن ها، نڪي مارجن ها. (خدا پرستن جي دلين ۾ اهڙا غلط خيال خطرا نه ٿا اچن ۽ هي ڳالهه جا توهان کي چئي وئي سا هن لاءِ ته) انهيءَ ڳالهه کي (يعني اوهان جي بي خوفي ۽ ايمان جي مضبوطيءَ کي) الله تعاليٰ ڪافرن جي دلين لاءِ حسرت ۽ ارمان بڻائي (ته ڪنهن به حالت ۾ اوهان کي بي همت نه ڪري سگهن. ياد رکو ته) الله ئي زندهه رکندڙ ۽ ماريندڙ آهي ۽ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ ڏسي ٿو.

وَلَئِنْ قُتِلْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوْ مُتُّمْ لَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَحْمَةٌ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿١٥٧﴾

(١٥٧) ۽ جيڪڏهن توهان الله جي راهه ۾ مارجي ويو يا پنهنجي موت مري ويو ته پوءِ الله تعاليٰ وٽان جيڪا رحمت ۽ بخشش اوهان کي ملندي سا انهن سيني شين کان گهڻو بهتر آهي جي ماڻهو ميڙي گڏ ڪري رهيا آهن.

وَلَئِنْ مُّتُّمْ اَوْ قُتِلْتُمْ لَاِ۟لَى اللّٰهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿١٥٨﴾

(١٥٨) ۽ (ياد رکو ته) توهان پنهنجي موت مري وڃو يا مارجي وڃو هر حال ۾ آخر اوهان کي الله وٽ آڻي گڏ ڪيو ويندو.

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۖ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَشَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ ۚ فَاِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿١٥٩﴾

(١٥٩) (اي پيغمبر!) هي الله جي رحمت آهي جو تون هنن ماڻهن سان هيتري قدر نرم ۽ مهربان آهين، جيڪڏهن تون سخت مزاج ۽ سنگدل هجين ها ته ماڻهو تو وٽان ڀڄي هليا وڃن ها (پر تنهنجي نرميءَ ۽ محبت جي ڪري هنن جي دلين کي ڪشش ٿئي ٿي ۽ وڏي شوق ۽ محبت سان تو وٽ اچي وهن ٿا) پوءِ انهن جا قصور معاف ڪري ڇڏ ۽ الله کان به انهن لاءِ مغفرت گهر ۽ پڻ وڏن معاملن ۾ هنن سان مشورو ڪر. پوءِ جڏهن ڪو فيصلو ڪري پڪو ارادو ڪيو ته خدا تي ڀروسو رکو (۽ ان ڪم تي ثابت قدم رهو) بيشڪ الله تعاليٰ انهن سان محبت ٿو رکي جيڪي مٿس ڀروسو رکن ٿا.

اِنْ يَّنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۚ وَاِنْ يَّخْذُلْكُمْ فَمَنْ ذَا الَّذِيْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ۗ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٦٠﴾

(١٦٠) (مسلمانو) جيڪڏهن الله تعاليٰ اوهان جي مدد ڪندو ته ڪوبه توهان تي غالب نه پوندو ۽ جيڪڏهن هو اوهان کي ڇڏي ڏيندو ته پوءِ ڪير آهي جو هن جي ڇڏي ڏيڻ بعد اوهان جي مدد ڪري سگهندو؟ تنهن ڪري مومنن کي گهرجي ته فقط الله تعاليٰ تي ڀروسو رکن (۽ حق جي راهه تي ثابت قدم رهن).

وَمَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّغُلَّ ۗ وَمَنْ يَّغْلُلْ يَاْتِ بِمَا غَلَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦١﴾

(١٦١) ۽ (ڏسو خدا جي) ڪنهن به نبيءَ کان هيءَ ڳالهه ٿي نٿي سگهي جو (نبوت جي فرضن ادا ڪرڻ ۾) ڪنهن به طرح جي خيانت ڪري. جيڪو به پنهنجي فرض ادائين ۾ خيانت ٿو ڪري سو اها خيانت قيامت جي ڏينهن پاڻ سان کڻي ايندو. پوءِ هر هڪ نفس کي سندس عملن جو پورو پورو بدلو ملندو، ڪنهن سان به بي انصافي ڪانه ڪئي ويندي.

اَفَمَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَ اللّٰهِ كَمَنْۢ بَآءَ بِسَخَطٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٦٢﴾

(١٦٢) ڀلا جنھن ماڻھو الله جي راضپي واري راھ اختيار ڪئي آھي (۽ اھي ڪم ڪري ٿو جي الله کي پسند آھن) سو انھيءَ ماڻھو وانگر ٿي سگھي ٿو جو (پنھنجي بدعملن سان) الھ جو غضب پاڻ تي آڻي ٿو ۽ جنھن جو ٺڪاڻو جھنم جھڙو برو ٺڪاڻو آھي؟

هُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦٣﴾

(١٦٣) (نہ نہ ائين ھرگز ٿي نٿو سگھي) الله وٽ ماڻھن جا (جدا جدا) درجا آھن ۽ جيڪي عمل ھو ڪن ٿا سي الله تعالىٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٦٤﴾

(١٦٤) يقيناً الله تعالىٰ مومنن تي وڏو احسان ڪيو آھي. جو ھنن ۾ ھڪڙو رسول موڪليو اٿس جو ھنن منجھان ئي آھي، ھو ڪين الله جون آيتون ٻڌائي ٿو، (براين کان) ڪين پاڪ ڪري ٿو ۽ ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو، حالانڪ ھن کان اڳي ھو ظاھر ظھور گمراھي ۾ ڦاٿل ھئا.

اَوَلَمَّآ اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَدْ اَصَبْتُمْ مِّثْلَيْهَا ۙ قُلْتُمْ اَنّٰى هٰذَا ؕ قُلْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اَنْفُسِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٦٥﴾

(١٦٥) جڏھن (احد جي جنگ ۾) اوھان تي مصيبت اچي ڪڙڪي، انھيءَ کان ٻيڻي مصيبت تہ اوھان جي ھٿان (بدر ۾) اوھان جي دشمنن تي پيئي ھئي، تڏھن توھان چئي ڏنو تہ ھيءَ مصيبت اسان تي ڪٿان آئي؟ (اي پيغمبر! ڪين چئو تہ) اھا مصيبت خود توھان جي ھٿئون توھان تي ڪڙڪي (جيڪڏھن توھان ھمت نہ ھاريو ھا ۽ خدا ۽ رسول جي پوري فرمانبرداري ڪيو ھا تہ ھرگز ھي مصيبت نہ ڏسو ھا) ياد رکو تہ الله تعالىٰ ھر شيءِ تي قادر آھي.

وَمَآ اَصَابَكُمْ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيَعْلَمَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٦٦﴾

(١٦٦) جيڪا مصيبت اوھان تي انھيءَ ڏينھن آئي جنھن ڏينھن (احد ۾) ٻنھي ڌرين جو مقابلو ٿيوس مصيبت الله جي حڪم سان آئي (جيئن فتح ۽ شڪست لاءِ سندس قانون ٺھرايل آھن ۽ اھا مصيبت انھيءَ لاءِ آئي) تہ ظاھر ٿي پوي تہ سچي ايمان وارا ڪھڙا آھن؟

وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ نَافَقُوْا ۚۖ وَقِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا قَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوِ ادْفَعُوْا ؕ قَالُوْا لَوْ نَعْلَمُ قِتَالًا لَّا اتَّبَعْنٰكُمْ ؕ هُمْ لِلْكُفْرِ يَوْمَئِذٍ اَقْرَبُ مِنْهُمْ لِلْاِيْمَانِ ۚ يَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يَكْتُمُوْنَ ﴿١٦٧﴾

(١٦٧) ۽ منافق ڪھڙا آھن (سچ پچ منافق ھن موقعي تي پوريءَ طرح ظاھر ٿي پيا) ۽ (جڏھن) ڪين چيو ويو تہ اچو، الله جي راہ ۾ (ٻاھر نڪري) جنگ ڪيو يا (مديني ۾ رھي) دشمن جي حملي کي روڪيو. (تڏھن) چوڻ لڳا تہ جيڪڏھن اسان کي خبر ھجي ھا تہ لڙائي ضرور لڳندي تہ اسان (پاڻ کي تيار ڪيون ھا ۽) توھان سان ضرور شامل ٿيون ھا (اھو ڪوڙو بھانو ھو). (يقين ڪيو تہ جنھن وقت ھنن ائين چيو) تنھن وقت ھو ايمان کي اھڙا ويجھا نہ ھئا جھڙا ڪفر کي ويجھا ھئا. اھي ماڻھو جيڪي زبان سان چون ٿا سو درحقيقت ھنن جي دلين ۾ ناھي، جيڪي ھو دلين ۾ لڪائين ٿا سو الله تعالىٰ کي چڱيءَ طرح معلوم آھي.

اَلَّذِيْنَ قَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ وَقَعَدُوْا لَوْ اَطَاعُوْنَا مَا قُتِلُوْا ۗ قُلْ فَادْرَءُوْا عَنْ اَنْفُسِكُمُ الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٦٨﴾

(١٦٨) اهي ماڻهو پاڻ تہ گهرن ۾ ويهي رهيا پر پنهنجي ڀائرن جي باري ۾ (جي جنگ ۾ مارجي ويا) چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان جي چوڻ تي لڳن ها تہ ڪڏهن بہ نہ مارجي وڃن ها. (اي پيغمبر تون ڪين) چئُو تہ جيڪڏهن توهان سچ پچ (پنهنجي هن خيال ۾) سچا آهيو تہ جڏهن موت توهان جي مٿان اچي پوي تڏهن پاڻ تان موت ٽاري ڇڏيو (۽ پنهنجي چالاڪين ۽ دور انديشن سان هميشہ زنده رهو.)

وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا ۗ بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ ﴿١٦٩﴾

(١٦٩) ۽ (اي پيغمبر) جيڪي ماڻهو خدا جي راهہ ۾ قتل ٿيا آهن، تن بابت ائين نہ سمجهہ تہ هو مري ويا، نہ نہ هو جيئرا آهن ۽ پنهنجي پروردگار وٽ پنهنجي روزي حاصل ڪري رهيا آهن.

فَرِحِيْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۙ وَيَسْتَبْشِرُوْنَ بِالَّذِيْنَ لَمْ يَلْحَقُوْا بِهِمْ مِّنْ خَلْفِهِمْ ۙ اَلَّا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١٧٠﴾

(١٧٠) الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان جيڪي ڪين عطا ڪيو آهي تنهن تي فرحتن ۽ خوشين ۾ آهن ۽ جيڪي ماڻهو انهن جي پٺيان (دنيا ۾) رهجي ويا آهن ۽ اڃا ساڻن نہ وڃي مليا آهن، تن بابت بہ خوشيون ٿا ڪن جو (ڄاڻن ٿا تہ) انهن لاءِ بہ نڪي ڪو خوف آهي، نڪا غمگيني آهي.

يَسْتَبْشِرُوْنَ بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٧١﴾

(١٧١) هو الله تعاليٰ جي نعمتن ۽ فضل تي ڏاڍو خوش آهن ۽ پڻ هن ڳالهہ تي تہ بيشڪ الله تعاليٰ ايمان وارن (جي عملن) جو اجر ضايع نٿو ڪري.

## رکوع 18

**اسن جو ڪافرن کي مهلت ٿا ڏيون تنهن مان نہ سمجهن تہ هنن جو خير آهي**

اَلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ مِنْ بَعْدِ مَآ اَصَابَهُمُ الْقَرْحُ ۛ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا مِنْهُمْ وَاتَّقَوْا اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿١٧٢﴾

(١٧٢) جن ماڻهن الله ۽ سندس رسول جي سڏ تي لبيڪ چئي (۽ جنگ لاءِ وري تيار ٿيا) جيتوڻيڪ (هڪ سال اڳي احد وارو) زخم کائي چڪا هئا تن بابت ياد رکو تہ انهن مان جيڪي بہ چڱا عمل ڪندڙ ۽ متقي (پرهيزگار) آهن تن جي لاءِ تمام وڏو اجر تيار رکيل آهي.

اَلَّذِيْنَ قَالَ لَهُمُ النَّاسُ اِنَّ النَّاسَ قَدْ جَمَعُوْا لَكُمْ فَاخْشَوْهُمْ فَزَادَهُمْ اِيْمَانًا ۖ وَّقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ ﴿١٧٣﴾

(١٧٣) هي اهي ماڻهو آهن جن کي ڪن چيو تہ توهان سان (جنگ ڪرڻ لاءِ) دشمن وڏو لشڪر گڏ ڪيو آهي تنهن ڪري خوف رکجو (۽ ٻاهر نڪري ساڻن مقابلي ڪرڻ لاءِ نہ وڃجو) پر (اها ڳالهہ ٻڌڻ تي ڊڄي وڃڻ بدران) هنن جو ايمان اڃا بہ وڌيڪ مضبوط ٿيو ۽ هو (بي خوف ٿي) چوڻ لڳا تہ اسان جي لاءِ الله ڪافي آهي ۽ جنهن جو ڪارساز الله پاڻ هجي تنهنجو ڪهڙو نہ چڱو ڪارساز آهي.

فَانْقَلَبُوْا بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْٓءٌ ۙ وَّاتَّبَعُوْا رِضْوَانَ اللّٰهِ ۗ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَظِيْمٍ ﴿١٧٤﴾

(١٧٤) پوءِ (ڏسو تہ جا ٿيو جو مسلمان بي خوف تي مقابلي لاءِ نڪتا ۽) الله جي نعمت ۽ فضل سان مالامال ٿي واپس آيا. ڪوبہ ايذاءِ کين ڇهي بہ نہ سگهيو. هنن الله جي راضپي واري راهہ ۾ قدم کنيو (اهو الله جو فضل هو) ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

إِنَّمَا ذَٰلِكُمُ الشَّيْطَانُ يُخَوِّفُ أَوْلِيَاءَهُ ۖ فَلَا
تَخَافُوهُمْ وَخَافُونِ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٧٥﴾

(١٧٥) (۽ هيءَ جو دشمنن جي چاڙتي توهان کي وڏي لشڪر جي ڪوڙي خبر ٻڌائي ڊيڄارڻ ٿي چاهو) اهو شيطان هو جنهن پنهنجي ساٿين بابت توهان کي ڊيڄارڻ ٿي چاهيو. پر جيڪڏهن توهان سچ پچ سچا مومن آهيو ته شيطان جي ساٿين کان نه ڊڄو ۽ مون کان ئي ڊڄو.

وَلَا يَحْزُنكَ الَّذِينَ يُسَارِعُونَ فِي الْكُفْرِ ۚ
إِنَّهُمْ لَن يَضُرُّوا اللَّهَ شَيْئًا ۗ يُرِيدُ اللَّهُ أَلَّا
يَجْعَلَ لَهُمْ حَظًّا فِي الْآخِرَةِ ۖ وَلَهُمْ
عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١٧٦﴾

(١٧٦) (اي پيغمبر!) جيڪي ماڻهو ڪفر جي واٽ تي ڊوڙي رهيا آهن (انهن جي حالت ڏسي) غم نه ڪريو. يقين ڪريو ته هو خدا (جي ڪمن ڪي) هرگز نقصان پهچائي نه سگهندا. (هو پاڻ پنهنجو نقصان ڪري رهيا آهن) الله تعاليٰ چاهي ٿو ته آخرت ۾ هنن جي لاءِ (هنن مان) ڪجھ به حصو نه رکي ۽ هنن جي لاءِ تمام وڏو عذاب آهي.

إِنَّ الَّذِينَ اشْتَرَوُا الْكُفْرَ بِالْإِيمَانِ لَن
يَضُرُّوا اللَّهَ شَيْئًا ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿١٧٧﴾

(١٧٧) جن ماڻهن ايمان وڪڻي ڪفر خريد ڪيو آهي سي الله (جي ڪمن) کي ڪجھ به ضرر نه پهچائي سگهندا ۽ هنن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار رکيل آهي.

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا أَنَّمَا نُمْلِي لَهُمْ
خَيْرٌ لِّأَنفُسِهِمْ ۚ إِنَّمَا نُمْلِي لَهُمْ لِيَزْدَادُوا
إِثْمًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِينٌ ﴿١٧٨﴾

(١٧٨) ۽ اسان جو ڪافرن کي (زندگي ۽ مال متاع ۾) مهلت ٿا ڏيون تنهن مان ائين نه سمجهن ته (ان مهلت ۾) هنن لاءِ چڱائي آهي. اسان هنن کي انهيءَ لاءِ مهلت ٿا ڏيون ته (جيڪڏهن بدعملين کان باز نه اچن ته) پنهنجي گناهن ۾ اڃا به وڌيڪ واڌارو ڪن ۽ آخر هنن کي وڏيڪ ذليل ۽ خوار ڪندڙ عذاب ملندو.

مَّا كَانَ اللَّهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِينَ عَلَىٰ مَا أَنتُمْ
عَلَيْهِ حَتَّىٰ يَمِيزَ الْخَبِيثَ مِنَ الطَّيِّبِ ۗ وَ
مَا كَانَ اللَّهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَلَٰكِنَّ
اللَّهَ يَجْتَبِي مِن رُّسُلِهِ مَن يَشَاءُ ۖ فَآمِنُوا
بِاللَّهِ وَرُسُلِهِ ۚ وَإِن تُؤْمِنُوا وَتَتَّقُوا فَلَكُمْ
أَجْرٌ عَظِيمٌ ﴿١٧٩﴾

(١٧٩) ائين ڪي نٿو سگهي ته الله تعاليٰ ايمان وارن کي انهي ئي حالت ۾ ڇڏي ڏئي جنهن حالت ۾ توهان هاڻي آهيو. الله تعاليٰ ضرور ائين ڪندو جو پليتن (منافقن) کي پاڪن (مومنن) کان الڳ ڪري ڏيکاريندو (ته آئينده لاءِ سڃاڻپ ٿئي) ۽ خدا جي سنت اها ناهي ته (هن باري ۾) غيب جي خبر ڏيئي ڇڏي (يعني منافقن جا نالا ٻڌائي) پر بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي رسولن مان جن کي وڻيس تنهن کي هن ڳالھ لاءِ چوندي ٿو (يعني جيڪي الله تعاليٰ هن باري ۾ چاهيندو سو پنهنجي رسول ﷺ کي ٻڌائيندو) پوءِ (اي منافقو توهان جي سڌاري لاءِ هي آخري مهلت آهي) الله تي ۽ سندس رسول تي سچو ايمان رکو. جيڪڏهن توهان (هاڻي به) ايمان آڻيندؤ ۽ گناهن ۽ بدعملن کان پري رهندؤ ته توهان جي لاءِ وڏو اجر آهي.

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِينَ يَبْخَلُونَ بِمَا آتَاهُمُ اللَّهُ
مِن فَضْلِهِ هُوَ خَيْرًا لَّهُم ۖ بَلْ هُوَ شَرٌّ
لَّهُمْ ۖ سَيُطَوَّقُونَ مَا بَخِلُوا بِهِ يَوْمَ

(١٨٠) جن ماڻهن کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان رزق ڏنو آهي ۽ هو اهو مال خرچ ڪرڻ ۾ ڪنجوسائي ڪن ٿا سي ائين نه سمجهن ته ائين ڪرڻ سان هنن کي ڪا چڱائي رسندي. (نه نه) بلڪ ان مان هنن لاءِ وڏي برائي آهي. جلد قيامت جي ڏينهن اهو مال متاع جنهن کي گڏ ڪري

الْقِيٰمَةِ ۗ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۗ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۚ ١٨٠

روڪي رکڻ لاءِ ڪنجوسائي ڪن ٿا، تنهن مان (عذابن جو) ڳٽ ٺاهي هنن جي ڳچين ۾ وڌو ويندو ۽ ياد رکو ته آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي سي الله جي ميراث آهي ۽ اوهان جيڪي به ڪيو ٿا، تنهنجي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر آهي.

## رڪوع 19

**مسلمانن لاءِ سبق ته صبر ۽ تقويٰ رکندؤ ته ڪاميابي توهان جي آهي.**

لَقَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ فَقِيْرٌ وَّنَحْنُ اَغْنِيَآءُ ۘ سَنَكْتُبُ مَا قَالُوْا وَ قَتْلَهُمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَّنَقُوْلُ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ١٨١

(١٨١) بيشڪ الله تعاليٰ انهن ماڻهن (منافقن) جو قول ٻڌو آهي، جن چيو ته الله محتاج آهي ۽ اسان دولتمند آهيون (جو هر هر اسان کان سندس نالي تي لڙائي وغيره لاءِ مال گهريو وڃي ٿو) اسان جلد سندس اهو قول لکي ڇڏينداسين (يعني هي جو الله جي انهيءَ حڪم تي مسخريون ٿا ڪن ته، ”خدا جي راه ۾ خرچ ڪيو“، سو جلد ڪين محتاج ۽ تباه ڪنداسين) ۽ پڻ سندن هي عمل لکي ڇڏينداسين جو ناحق نبين کي قتل ڪندا هئا، پوءِ (جڏهن هن قول ۽ عمل جو بدلو پيش ايندن تڏهن) چونداسين ته هاڻي جهنم جي عذاب جو مزو چکو.

ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۚ ١٨٢

(١٨٢) توهان جيڪي پنهنجي هٿن سان ڪري اڳتي موڪليو آهي تنهنجو ئي اهو نتيجو آهي، الله تعاليٰ ڪڏهن به پنهنجي ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو ناهي.

اَلَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ عَهِدَ اِلَيْنَآ اَلَّا نُؤْمِنَ لِرَسُوْلٍ حَتّٰى يَاْتِيَنَا بِقُرْبَانٍ تَاْكُلُهُ النَّارُ ۗ قُلْ قَدْ جَآءَكُمْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِيْ بِالْبَيِّنٰتِ وَ بِالَّذِيْ قُلْتُمْ فَلِمَ قَتَلْتُمُوْهُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ١٨٣

(١٨٣) هي ماڻهو (يهودي) چون ٿا ته الله اسان کان عهد ورتو آهي ته اسان ڪنهن به رسول تي ايمان نه آڻيون جيستائين هو اسان وٽ اهڙي قرباني نه آڻي جنهن کي باهه کائي وڃي، تون ڪين چيو ته مون کان اڳي الله جا ڪيترائي رسول سچائيءَ جي روشن دليلن سان اوهان ڏي آيا ۽ انهيءَ ڳالهه سان آيا جا چئي رهيا آهيو (يعني باه ۾ ساڙڻ واري قرباني سان آيا) پوءِ جيڪڏهن توهان پنهنجي قول ۾ سچا آهيو ته چو توهان (انهن تي ايمان آڻڻ بدران) هنن کي قتل ڪندا رهيؤ؟

فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ جَآءُوْ بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ وَالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ١٨٤

(١٨٤) (اي پيغمبر!) هي ماڻهو جيڪڏهن توکي ڪوڙو چئي رهيا آهن (ته رڳو توسان اها روش نه ورتي اٿن) توهان کان اڳي ڪيترائي رسول وٽن آيا جن کي ساڳيءَ طرح ڪوڙو ڪوٺي سندن منڪر ٿيا. اگرچه اهي رسول چٽن دليلن ۽ (حڪمت وارن خدائي) ڪتابن ۽ (شريعت جي) روشن حڪمن سان وٽن آيا هئا.

كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ۗ وَ اِنَّمَا تُوَفَّوْنَ اُجُوْرَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۗ فَمَنْ زُحْزِحَ

(١٨٥) (مسلمانو! ياد رکو ته) هر هڪ نفس کي آخر موت جو مزو چکڻو آهي ۽ اوهان جي عملن جو بدلو اوهان کي قيامت جي ڏينهن پورو پورو

عَنِ النَّارِ وَ اُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ وَ مَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ ﴿۱۸۵﴾

ملندو. انهيءَ ڏينهن جيڪو بہ دوزخ جي باہ کان بچايو ويندو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويندو انهيءَ ئي ڪاميابي ۽ نعمتون حاصل ڪيون. ياد رکو تہ هن دنيا جي زندگي (عيش عشرت جو سامان) فقط فريب جو سامان آهي.

لَتُبْلَوُنَّ فِيْٓ اَمْوَالِكُمْ وَ اَنْفُسِكُمْ ۫ وَ لَتَسْمَعُنَّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَ مِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَذًى كَثِيْرًا ؕ وَ اِنْ تَصْبِرُوْا وَ تَتَّقُوْا فَاِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿۱۸۶﴾

(١٨٦) يقيناً توهان پنهنجي مال ملڪيت ۽ جانين جي باري ۾ آزمائش ۾ وڌا ويندو ۽ يقيناً اهل ڪتاب ۽ عرب مشرڪن کان گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌندؤ جي ٻڌي توهان کي ڏک ٿيندو. پر جيڪڏهن توهان صبر اختيار ڪندؤ (۽ مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ بہ حق جي راہ تي ثابت قدم رهندؤ) ۽ تقويٰ کي نہ ڇڏيندؤ (يعني حق جي حڪمن جي نافرمانيءَ کان بچندؤ) تہ پوءِ بيشڪ وڏن اهم ڪمن ۾ هيءَ وڏي عزم ۽ همت جي ڳالهہ ٿيندي.

وَ اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَتُبَيِّنُنَّهٗ لِلنَّاسِ وَ لَا تَكْتُمُوْنَهٗ ٘ فَنَبَذُوْهُ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ وَ اشْتَرَوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ فَبِئْسَ مَا يَشْتَرُوْنَ ﴿۱۸۷﴾

(١٨٧) ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ اهل ڪتاب کان عهد ورتو هو تہ اهو ڪتاب (۽ ان جا حڪم) ماڻهن کي چٽا ڪري ٻڌائجو ۽ هرگز نہ لڪائجو. پر هنن (اهو عهد پورو نہ ڪيو) ۽ الله جي ڪتاب کي پنهنجي پٺين پاسي اڇلائي ڇڏيائون (يعني خسيس وقتي فائدي لاءِ دائمي وڏا فائدا وڃائي ڇڏيائون) پوءِ کهڙي نہ خراب اها قيمت آهي جا (حق فروشي جي بدلي ۾) حاصل ڪيائون.

لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اَتَوْا وَّ يُحِبُّوْنَ اَنْ يُّحْمَدُوْا بِمَا لَمْ يَفْعَلُوْا فَلَا تَحْسَبَنَّهُمْ بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۸۸﴾

(١٨٨) جيڪي ماڻهو پنهنجي ڪرتوتن تي خوش ٿي رهيا آهن ۽ پسند ٿا ڪن تہ انهن ڪمن لاءِ سندن ساراہ ٿئي جي ڪڏهن ڪيا ئي ڪونہ اٿن تن بہ نسبت ائين هرگز نہ سمجهو تہ ايندڙ عذاب کان بچي ويندا. بلڪل نہ، يقيناً هنن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ؑ ﴿۱۸۹﴾

(١٨٩) (انهن ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ) آسمان ۽ زمين جي بادشاهي فقط الله جي آهي (نہ سندن) ۽ الله ئي هر شيءِ تي قادر آهي.

## رڪوع 20

## اعليٰ روحاني جذبا پيدا ڪرڻ لاءِ اعليٰ تعليمات.

اِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَ النَّهَارِ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۰﴾

(١٩٠) بيشڪ آسمان ۽ زمين جي خلقت ۾ ۽ رات ڏينهن جي هڪٻئي پنيان اچڻ ۾ سمجهہ وارن لاءِ (حق جي سڃاڻپ جون) وڏيون نشانيون موجود آهن.

الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّ قُعُوْدًا وَّ عَلٰى جُنُوْبِهِمْ وَ يَتَفَكَّرُوْنَ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۹۱﴾

(١٩١) (انهن سمجهہ وارن لاءِ وڏيون نشانيون موجود آهن) جي ويهندي، وهندي، ليٽندي هر وقت الله کي ياد رکن ٿا ۽ آسمان ۽ زمين جي خلقت تي غور ۽ فڪر ڪن ٿا (انهيءَ غور ۽ فڪر جو نتيجو اهو ٿئي ٿو جو هنن تي حقيقتن جي سڃاڻپ جو دروازو کلي پوي ٿو ۽ هو بي اختيار چئي ٿا ڏين تہ) اي اسان جا پررودگار! هي سڀ جيڪو پيدا ڪيو اٿيئي سو هرگز بيڪار ۽ اجايو نہ آهي (ضرور ڪو مقصد ۽ حڪمت رکيل آهي) بيشڪ

تون پاڪ آهين (ان ڳالھ کان جو بيڪار ڪم تنهنجي هٿان ٿين) اي خدا اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچائجانءِ.

رَبَّنَآ اِنَّكَ مَنْ تُدْخِلِ النَّارَ فَقَدْ اَخْزَيْتَهٗ ۭ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿١٩٢﴾

(١٩٢) اي اسان جا پروردگار! جنهن کي تون دوزخ ۾ وجهندين سو بيشڪ وڏي خواري خرابيءَ ۾ پيو (ان ڏينهن) ظالمن جي لاءِ ڪوبہ مددگار ڪونہ هوندو.

رَبَّنَآ اِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِيًا يُّنَادِيْ لِلْاِيْمَانِ اَنْ اٰمِنُوْا بِرَبِّكُمْ فَاٰمَنَّا ڰ رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَكَفِّرْ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ الْاَبْرَارِ ﴿١٩٣﴾ ۚ

(١٩٣) اي اسان جا پروردگار! اسان سڏ ڪندڙ (رسولﷺ) جو سڏ ٻڌو جو ايمان جي طرف سڏي رهيو هو. (هو چئي رهيو هو تہ (اي انسانو!) پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻيو. پروردگار! اسان جا گناه بخش، اسان جون بڇڙايون اسان مان ڪڍي ڇڏ ۽ اسان کي انهن سان گڏ مار (۽ موت بعد انهن جي سنگت ۾ رهاءِ) جي پرهيزگار ۽ نيڪ هجن. (يعني اسان کي نيڪ ڪر تہ نيڪن ۾ شمار ٿيون.)

رَبَّنَا وَاٰتِنَا مَا وَعَدْتَّنَا عَلٰي رُسُلِكَ وَلَا تُخْزِنَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿١٩٤﴾

(١٩٤) اي اسان جا پروردگار! اسان کي اهو سڀ ڪجھ عطا فرماءِ جنهن جو وعدو اسان سان پنهنجي رسولن جي معرفت ڪيو هو ۽ قيامت جي ڏينهن اسان کي ذليل ۽ خوار نہ ڪجانءِ. بيشڪ تون ڪڏهن بہ پنهنجي وعدي جي خلاف نٿو وڃين.

فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ اَنِّىْ لَآ اُضِيْعُ عَمَلَ عَامِلٍ مِّنْكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى ۚ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَاُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاُوْذُوْا فِيْ سَبِيْلِيْ وَقٰتَلُوْا وَقُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاُدْخِلَنَّھُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْھٰرُ ۚ ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ ﴿١٩٥﴾

(١٩٥) پوءِ هنن جي پروردگار هنن جون دعائون قبول ڪيون ۽ فرمايائين تہ بيشڪ آءٌ ڪنهن بہ عمل ڪندڙ جو عمل ضايع نٿو ڪٿان، مرد هجي توڙي عورت. توهان سڀ هڪٻئي جي جنس آهيو (عملن جي نتيجن جو قانون سڀني لاءِ هڪ جهڙو آهي) پوءِ جن (خدا جي راھ ۾) هجرت ڪئي، پنهنجي گهرن مان تڙي ڪڍيا ويا، منهنجي راه وٽڻ جي ڪري ايذايا ويا ۽ حق جي راھ ۾ لڙايون ڪيائون ۽ قتل ٿيا تن جون خطائون هنن مان يقيناً ميساري ڇڏيندس ۽ کين (ابدي نعمتن جي) باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون. هي الله جي طرف کان (هنن جي نيڪ عملن جو) اجر ۽ انعام هوندو ۽ الله ئي آهي جو بهترين اجر ۽ انعام ڏئي ٿو.

لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِي الْبِلَادِ ﴿١٩٦﴾ ۭ

(١٩٦) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي انهن جو ملڪ ۾ (تجمل ۽ وڏائي سان) هيڏي هوڏي گهمڻ ڦرڻ توکي دوکي ۾ نہ وجهي.

مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۣ ثُمَّ مَاْوٰىھُمْ جَهَنَّمُ ۭ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٩٧﴾

(١٩٧) اهو ٿورڙو دنيائي فائدو آهي. آخر انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي. اهو ڪهڙو نہ برو ٺڪاڻو آهي.

لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّھُمْ لَھُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ

(١٩٨) پر جن ماڻهن خدا جو خوف رکيو (۽ نيڪ عمل ڪيا) تن جي لاءِ

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا نُزُلًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّلْاَبْرَارِ ﴿۱۹۸﴾

(ابدي نعمتن جا) باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو هميشہ ان (ابدي خوشين جي) حالت ۾ رهندا. هيءُ هنن لاءِ الله تعاليٰ جي طرف کان مهماني ٿيندي. جيڪي الله تعاليٰ وٽ آهي سو نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ وڏي چڱائي ۽ نعمت آهي.

وَاِنَّ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَمَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ خٰشِعِيْنَ لِلّٰهِ ۙ لَا يَشْتَرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۹۹﴾

(١٩٩) ۽ بيشڪ اهل ڪتاب ۾ ڪي اهڙا بہ آهن جيڪي الله تي سچو ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي توتي نازل ٿيو آهي ۽ جيڪي مٿن نازل ٿيو آهي تنهن تي بہ هنن جو ايمان آهي ۽ سندن دليون الله جي اڳيان جهڪيل آهن، اهي ائين نٿا ڪن جو خدا جون آيتون خسيس قيمت تي وڪڻي ڇڏين. بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ سندن پروردگار وٽان اجر ملندو. يقيناً الله تعاليٰ حساب وٺڻ ۽ (بدلو ڏيڻ) ۾ سست رفتار ناهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا وَصَابِرُوْا وَرَابِطُوْا ۟ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۲۰۰﴾

(٢٠٠) اي ايمان وارو! (جيڪڏهن ڪاميابي چاهو ٿا تہ هنن سيني ڳالهين جو جوهر هي آهي تہ) صبر ڪيو، هڪٻئي کي صبر ڪرڻ جي ترغيب ڏيو، هڪٻئي سان ڳنڍجي هڪ ٿي وڃو ۽ (هر حال ۾) خدا کان ڊڄندا رهو تہ (پنهنجي مقصد ۾) ڪامياب ٿيو.

## سورت النساءِ (عورتون)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شرع ٿا ڪريون جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

**صلہ رحمي جا حق خدا جا ٺهرايل حق آهن. يتيمن جي سنڀال، فوتي جي مال جي وراثت، عورتن کي بہ ملڪيت مان حصو ملڻ**

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّنِسَآءً ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا ﴿۱﴾

(١) (اي انسانو! پنهنجي پروردگار کان ڊڄو سندس حڪمن ۽ قانونن جي تعميل ڪيو ورنہ تباه ٿيندؤ. انهيءَ پروردگار کان ڊڄو) جنهن توهان کي هڪڙي نفس مان پيدا ڪيو ۽ ان مان ئي سندس جوڙو (يعني عورت) پيدا ڪئي. پوءِ انهن ٻنهي مان مردن ۽ عورتن جو وڏو تعداد دنيا ۾ پکيڙيو (هڪ نفس مان قبيلا، قومون، شهر ۽ ملڪ تي ويا ۽ مائٽي جو وڏو حلقو ٺهيو) پوءِ الله کان ڊڄو، جنهن جي نالي ۾ هڪٻئي کان (پيار ۽ ڳانڍاپي جي) طلب ڪيو ٿا ۽ پڻ مائٽيءَ جي معاملن ۾ (خصوصاً عورتن جي معاملن ۾) خبرداري رکجو. يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ اوهان تي ۽ (اوهان جي عملن تي هر وقت) نظر رکيون وينو آهي.

وَاٰتُوا الْيَتٰمٰٓى اَمْوَالَهُمْ وَلَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ ۪ وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَهُمْ

(٢) ۽ يتيمن جو مال (ايمانداريءَ سان) سندن حوالي ڪيو (جڏهن هو وڏا ٿين). ائين نہ ڪيو جو هنن جي ڪنهن چڱي شيءِ جي بدران پنهنجي ڪا ردي شي هنن کي ڏيو ۽ هنن جو مال پنهنجي مال سان ملائي ڪائي

إِلَىٰٓ أَمْوَٰلِكُمْ ۚ إِنَّهُۥ كَانَ حُوبًا كَبِيرًا ۝٢

چڏيو. يقيناً ائين ڪرڻ (يتيمن جو مال هضم ڪرڻ) تمام وڏي گناهه جي ڳالهه آهي. (اڄ ڪلهه وڏا ڀائر يا چاچا گڏيل ملڪيت مان پاڻ لاءِ وڏا وڏا خرچ ڪن ٿا، حالانڪ صغيرن جي ملڪيت مان رڳو هڪ پئسو خيرات ڏيڻ به جائز ناهي.)

وَإِنْ خِفْتُمْ أَلَّا تُقْسِطُوا۟ فِى ٱلْيَتَٰمَىٰ فَٱنكِحُوا۟ مَا طَابَ لَكُم مِّنَ ٱلنِّسَآءِ مَثْنَىٰ وَثُلَٰثَ وَرُبَٰعَ ۖ فَإِنْ خِفْتُمْ أَلَّا تَعْدِلُوا۟ فَوَٰحِدَةً أَوْ مَا مَلَكَتْ أَيْمَٰنُكُمْ ۚ ذَٰلِكَ أَدْنَىٰٓ أَلَّا تَعُولُوا۟ ۝٣

(٣) ۽ جيڪڏهن توهان کي انديشو هجي ته يتيم ڇوڪرين سان (نڪاح ڪري) انهن سان انصاف نه ڪري سگهندؤ (ته انهن سان نڪاح نه ڪيو بلڪ ٻين) عورتن مان جي پسند اچن تن سان نڪاح نه ڪيو بلڪ ٻين) عورتن مان جي پسند اچن تن سان نڪاح ڪيو، ٻن يا ٽن يا چئن سان (بشرطيڪ انهن ۾ انصاف ڪري سگهو، يعني سيني کي سڀ حق هڪ جهڙائي ڏئي سگهو ۽ سيني سان هڪ جهڙي هلت ڪري سگهو) جيڪڏهن توهان کي انديشو هجي ته انصاف نه ڪري سگهندو ته پوءِ فقط هڪ سان نڪاح ڪيو يا انهن عورتن سان نڪاح ڪيو جي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) اوهان جي هٿ ۾ آيون آهن. بي انصافيءَ کان بچڻ لاءِ ائين ڪرڻ بهتر آهي (ان کان جو يتيم ڇوڪرين سان نڪاح ڪري انهن جي حقن متعلق الله وٽ ڏوهاري ٿيو).

وَءَاتُوا۟ ٱلنِّسَآءَ صَدُقَٰتِهِنَّ نِحْلَةً ۚ فَإِن طِبْنَ لَكُمْ عَن شَىْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوهُ هَنِيٓـًٔا مَّرِيٓـًٔا ۝٤

(٤) عورتن کي مهر دل جي خوشيءَ سان ڇيئي چڏيو (اگرچ اهي يتيم ۽ لاوارث هجن) پر جيڪڏهن هو پاڻ خوشيءَ سان ڪجهه ڇڏي ڏين (نه وٺن) ته پوءِ ڀلي مزي سان ان کي پنهنجي ڪم آڻيو.

وَلَا تُؤْتُوا۟ ٱلسُّفَهَآءَ أَمْوَٰلَكُمُ ٱلَّتِى جَعَلَ ٱللَّهُ لَكُمْ قِيَٰمًا وَٱرْزُقُوهُمْ فِيهَا وَٱكْسُوهُمْ وَقُولُوا۟ لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوفًا ۝٥

(٥) اوهان جو مال متاع جنهن کي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ گذران جو وسيلو بڻايو آهي سو بي سمجهه ماڻهن جي حوالي نه ڪري ڇڏيو (متان اجايو برباد ڪري ڇڏين) (يعني ننڍي عمر وارن نادان ڇوڪرن جي حوالي نه ڪيو) مگر هيئن ڪيو جو هنن جي مال مان هنن کي ڪارايو پيئاريو ۽ لٽو ڪپڙو ڏيو ۽ چڱيون ڳالهيون هنن کي سمجهايو (تعليم ۽ تربيت ڏيو).

وَٱبْتَلُوا۟ ٱلْيَتَٰمَىٰ حَتَّىٰٓ إِذَا بَلَغُوا۟ ٱلنِّكَاحَ فَإِنْ ءَانَسْتُم مِّنْهُمْ رُشْدًا فَٱدْفَعُوٓا۟ إِلَيْهِمْ أَمْوَٰلَهُمْ ۖ وَلَا تَأْكُلُوهَآ إِسْرَافًا وَبِدَارًا أَن يَكْبَرُوا۟ ۚ وَمَن كَانَ غَنِيًّا فَلْيَسْتَعْفِفْ ۖ وَمَن كَانَ فَقِيرًا فَلْيَأْكُلْ بِٱلْمَعْرُوفِ ۚ فَإِذَا دَفَعْتُمْ إِلَيْهِمْ أَمْوَٰلَهُمْ فَأَشْهِدُوا۟ عَلَيْهِمْ ۚ وَكَفَىٰ بِٱللَّهِ حَسِيبًا ۝٦

(٦) ۽ يتيمن جي سنڀال ڪندي انهن کي آزمائيندا رهو (ته هنن جي سمجهه ڪيتري قدر آهي) جيستائين ڪ هو نڪاح جي عمر کي پهچن، پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ قابليت ۽ سڌارو ڏسو ته انهن جو مال سندن حوالي ڪري ڇڏيو ۽ متان وڏا اجايا خرچ ڪري جلد جلد انهن جو مال کائي کپائي ڇڏيو، انهيءَ خيال کان ته وڏا ٿيندا ( ته مال موٽائي وٺندا. اوهان سنڀاليندڙن مان) جيڪو غني يعني آسودو هجي تنهن کي گهرجي ته (هنن جي مال مان پنهنجي لاءِ ڪجهه به خرچ ڪرڻ کان) پرهيز ڪري، پر جيڪو مسڪين محتاج هجي سو ان مان ڪجهه پاڻ لاءِ ڪم آڻي، پر انصاف سان مناسب حدن اندر. پوءِ جڏهن هنن جو مال سندن حوالي

ڪيو تڏهن ان تي ماڻهن کي شاهد ڪيو ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح پورو حساب وٺندڙ آهي.

لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۠ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ مِمَّا قَلَّ مِنْهُ اَوْ كَثُرَ ؕ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ۝٧

(٧) ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن جي ڇڏيل ملڪيت ۾، ٿوري هجي توڙي گهڻي، ڇوڪرن جو حصو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن جي ترڪي ۾ ڇوڪرين جو بہ حصو آهي ۽ اهو حصو (خدا جو) ٺهرايل حصو آهي.

وَاِذَا حَضَرَ الْقِسْمَةَ اُولُوا الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنُ فَارْزُقُوْهُمْ مِّنْهُ وَقُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۝٨

(٨) ۽ جڏهن ترڪي جو مال ورهائڻ وقت ٻيا ڪي مائٽ (جن کي ورثي ۾ ڪجھ بہ ملڻو ناهي) ۽ (خاندان جا) ۽ يتيم ۽ مسڪين حاضر هجن تہ انهن کي بہ (مال جي گهٽائي يا ٿورائي تي نظر رکي) ڪجھ ٿورو گهڻو ڏيو ۽ (جيڪڏهن راضي نہ ٿين تہ) هنن کي چڱن وڻندڙ لفظن سان سمجهائي خوش ڪيو.

وَلْيَخْشَ الَّذِيْنَ لَوْ تَرَكُوْا مِنْ خَلْفِهِمْ ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوْا عَلَيْهِمْ ۠ فَلْيَتَّقُوا اللّٰهَ وَلْيَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ۝٩

(٩) ۽ ترڪو ورهائيندڙن کي ڊڄڻ گهرجي (تہ متان ڪنهن حقدار سان بي انصافي ٿئي) جيڪڏهن هو پاڻ ضعيف اولاد ڇڏي وڃن تہ ڪين انهن بنسبت ڪيڏو نہ انديشو رهي. (ساڳيءَ طرح ٻين جي اولاد لاءِ بہ خيال رکن) تنهن ڪري ڪين گهرجي تہ خد ڪان ڊڄن ۽ اهڙا لفظ زبان مان ڪين جي مناسبت ۽ وزندار هجن.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِىْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ۝١٠ ع

(١٠) جيڪي ماڻهو بي انصافيءَ سان يتيمن جو مال هڙپ ڪري ٿا وڃن سي (ياد رکن) تہ هو پنهنجي پيٽن ۾ باھ جا ٽانڊا وجهي رهيا آهن ۽ جلد ئي هو دوزخ جي سخت ڄڀي ڪندڙ باھ ۾ اڇلايا ويندا.

## رڪوع 2

## ترڪي ۾ وارثن جا حصا

يُوْصِيْكُمُ اللّٰهُ فِىْٓ اَوْلَادِكُمْ ۚ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ۚ فَاِنْ كُنَّ نِسَآءً فَوْقَ اثْنَتَيْنِ فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ۚ وَاِنْ كَانَتْ وَاحِدَةً فَلَهَا النِّصْفُ ؕ وَلِاَبَوَيْهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ اِنْ كَانَ لَهٗ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلَدٌ وَّوَرِثَهٗٓ اَبَوٰهُ فَلِاُمِّهِ الثُّلُثُ ۚ فَاِنْ كَانَ لَهٗٓ اِخْوَةٌ فَلِاُمِّهِ السُّدُسُ مِنْ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِىْ بِهَآ اَوْ

(١١) توهان جي اولاد جي باري ۾ الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ٿو ڏئي تہ ڇوڪر لاءِ ٻن ڇوڪرين جي برابر حصو هجي (يعني ڇوڪر جو حصو ڇوڪريءَ جي حصي کان ٻيڻو هئڻ گهرجي) پر جيڪڏهن (ڇوڪر نہ هجي) ٻہ يا وڌيڪ ڇوڪريون هجن تہ انهن جو حصو ٽيندو 2/3 يعني ٽن مان ٻہ حصا ۽ فقط هڪ ڇوڪري هجي تہ هن کي ترڪي جو اڌ ملندو. ۽ ميت جي ماءُ پيءُ مان هر هڪ کي ڇهون حصو ملندو. جيڪڏهن ميت اولاد ڇڏيو هجي. جيڪڏهن اولاد نہ ڇڏيو هجيس ۽ وارث فقط ماءُ پيءُ هجن تہ ماءِ کي ٽيون حصو ملندو (باقي پيءُ کي). جيڪڏهن (ماءُ پيءِ جي علاوه) ميت هڪ کان وڌيڪ ڀائر يا ڀينر ڇڏي وڃي تہ ماءُ جو حصو ڇهون ٿيندو، پر ياد رکڻ هرجي تہ ميت جيڪا وصيت ڪئي هجي يا

دَيۡنٍ ؕ اٰبَآؤُكُمۡ وَ اَبۡنَآؤُكُمۡ لَا تَدۡرُوۡنَ
اَيُّهُمۡ اَقۡرَبُ لَكُمۡ نَفۡعًا ؕ فَرِيۡضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ﴿۱۱﴾

جيڪو قرض مٿس رهجي ويو هجي (۽ ڪفن دفن جو خرچ) انهن سيني جي ڏيڻ بعد اهي حصا وارثن کي ورهائي ڏجن. توهان کي خبر ناهي تہ توهان جا ماءُ پيءُ (ڏاڏو ڏاڏاي) نفع پهچائڻ جي لحاظ کان توهان کي وڌيڪ ويجها آهن يا توهان جو اولاد (۽ پوٽا پوٽيون) وڌيڪ ويجها آهن. (ڪنهن جو حق وڌيڪ آهي، ڪنهن جو گهٽ، الله جي حڪمت ئي ان جو فيصلو ڪري ٿي سگهي، تنهن ڪري) الله تعاليٰ حصا مقرر ڪيا آهن ۽ هو (پنهنجي بندن جي مصلحتن کي) ڄاڻڻ وارو ۽ (پنهنجي سيني حڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

وَ لَكُمۡ نِصۡفُ مَا تَرَكَ اَزۡوَاجُكُمۡ اِنۡ لَّمۡ
يَكُنۡ لَّهُنَّ وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ كَانَ لَهُنَّ وَلَدٌ
فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ
يُّوۡصِيۡنَ بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ وَ لَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا
تَرَكۡتُمۡ اِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّكُمۡ وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ
كَانَ لَكُمۡ وَلَدٌ فَلَهُنَّ الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكۡتُمۡ
مِّنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ تُوۡصُوۡنَ بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ وَ اِنۡ
كَانَ رَجُلٌ يُّوۡرَثُ كَلٰلَةً اَوِ امۡرَاَةٌ وَّ لَهٗۤ اَخٌ
اَوۡ اُخۡتٌ فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا السُّدُسُ ۚ
فَاِنۡ كَانُوۡۤا اَكۡثَرَ مِنۡ ذٰلِكَ فَهُمۡ شُرَكَآءُ فِى
الثُّلُثِ مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصٰى بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ۙ
غَيۡرَ مُضَآرٍّ ۚ وَصِيَّةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيۡمٌ
حَلِيۡمٌ ؕ ﴿۱۲﴾

(١٢) جيڪڏهن زال ترڪو ڇڏي وڃي ۽ اولاد نہ هجيس تہ مڙس کي ملندو اڌ. پر جيڪڏهن اولاد ڇڏي وڃي تہ مڙس کي چوٿين پتي ملندي، پر اهو ورهاڱو وصيت جي تعميل ۽ قرض ادا ڪرڻ بعد باقي ملڪيت مان ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن مڙس ترڪو ڇڏي وڃي ۽ اولاد نہ ڇڏي تہ زال کي ملندي چوٿين پتي، پر جيڪڏهن اواد هجيس تہ اٺين پتي ملندس. اهو ورهاڱو (بلڪ سڀ ڪو ورهاڱو) وصيت جي تعميل ۽ قرض لاهڻ بعد ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو مرد يا عورت ترڪو ڇڏي وڃي ۽ ڪلالہ هجي (يعني نڪي پيءُ ماءُ، ڏاڏو ڏاڏاي، نانو ناني هجيس، نڪي اولاد يا اولاد جو اولاد هجيس) ۽ (مائيتو) ڀاءُ يا ڀيڻ هجيس تہ ڪيس ڇهون حصو ملندو، پر جيڪڏهن (ڀائر ۽ ڀينر) هڪ کان وڌيڪ هجن تہ اهي ٽيون حصو پاڻ ۾ ورهائي ڪٽندا. (باقي بہ حصا ٻين ڏي ويندا سڳا ڀائر ڀينر يا ساڳئي پيءُ جا اولاد موجود هوندا تہ مائيتي ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڪجهہ نہ ملندو) پر اهو ورهاڱو وصيت جي تعميل ۽ قرض ادا ڪرڻ بعد ڪرڻو آهي، بشرطيڪ حقدارن کي نامناسب طور نقصان نہ پهچي. هي الله جي طرفان حڪم آهي ۽ الله تعاليٰ چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (تہ سندس بندن جي چڱائي ڇا ۾ آهي) ۽ (انهن جي غلطين جي باري ۾) ڏاڍو بربار آهي.

تِلۡكَ حُدُوۡدُ اللّٰهِ ؕ وَ مَنۡ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ
يُدۡخِلۡهُ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ
خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا ؕ وَ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۱۳﴾

(١٣) (ياد رکو تہ) هي الله تعاليٰ جون (ٺهرايل) حدون آهن. پوءِ جيڪو بہ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندو تنهن کي الله تعاليٰ اهڙن باغن (جنت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن هو انهيءَ (نعمتن واري حالت) ۾ هميشہ رهندا ۽ اها تمام وڏي ڪاميابي آهي.

وَمَنۡ يَّعۡصِ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ وَ يَتَعَدَّ حُدُوۡدَهٗ
يُدۡخِلۡهُ نَارًا خَالِدًا فِيۡهَا ۖ وَ لَهٗ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ ﴿۱۴﴾ ع

(١٤) پر جيڪو الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ڪري ٿو ۽ سندس ٺهرايل حدن کان ٻاهر ٿو وڃي تنهن کي باهہ جي عذاب ۾ وجهندو ۽ هميشہ ان حالت ۾ رهندو ۽ هن جي لاءِ ذليل ۽ خوار ڪندڙ عذاب هوندو.

## رڪوع 3

### عورتن سان ڪهڙي هلت ڪجي ۽ نڪاح ڪنهن سان جائز آهي.

وَالّٰتِيْ يَاْتِيْنَ الْفَاحِشَةَ مِنْ نِّسَاۗىِٕكُمْ
فَاسْتَشْهِدُوْا عَلَيْهِنَّ اَرْبَعَةً مِّنْكُمْ ۚ فَاِنْ
شَهِدُوْا فَاَمْسِكُوْھُنَّ فِي الْبُيُوْتِ حَتّٰى
يَتَوَفّٰىھُنَّ الْمَوْتُ اَوْ يَجْعَلَ اللّٰهُ لَهُنَّ سَبِيْلًا ۝١٥

(١٥) جيڪي عورتون فاحش ڪم ڪن تن بنسبت پنهنجي ماڻهن مان مٿن چئن جي شاهدي وٺو. جيڪڏهن (چار شاهد) شاهدي ڏين تہ پوءِ اهڙين عورتن کي گهرن ۾ بند رکو، جيستائين مٿن موت اچي وڃي يا الله تعاليٰ انهن جي لاءِ ڪا ٻي راهہ پيدا ڪري.

وَالَّذٰنِ يَاْتِيٰنِهَا مِنْكُمْ فَاٰذُوْھُمَا ۚ فَاِنْ تَابَا وَ
اَصْلَحَا فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ
تَوَّابًا رَّحِيْمًا ۝١٦

(١٦) ۽ جيڪي ٻہ توهان مان بدچالي جو گناہ ڪن تن کي ايتري مار ڏيو جو ايذاءُ اچين، پوءِ جيڪڏهن هو ٻئي توبهہ ڪن ۽ پاڻ سڌارين تہ هنن کي ڇڏي ڏيو. بيشڪ الله تعاليٰ توبهہ قبول ڪندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

اِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَي اللّٰهِ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ
السُّوْۗءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ يَتُوْبُوْنَ مِنْ قَرِيْبٍ
فَاُولٰۗىِٕكَ يَتُوْبُ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ
عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۝١٧

(١٧) الله تعاليٰ فقط انهن جي توبهہ قبول ٿو ڪري جي ڪو برائي جو ڪم نادني ۽ بي خبريءَ ۾ ڪري ٿا ويهن ۽ پوءِ هڪدم (پشيمان ٿي ارمان ڪن ٿا ۽) توبهہ ڪن ٿا، بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جن ڏانهن الله تعاليٰ (پنهنجي رحمت سان) موٽي ٿو ُيقيناً هو سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي.

وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّـيِّاٰتِ ۚ
حَتّٰى اِذَا حَضَرَ اَحَدَھُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّىْ
تُبْتُ الْئٰنَ وَلَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَھُمْ
كُفَّارٌ ۭ اُولٰۗىِٕكَ اَعْتَدْنَا لَھُمْ عَذَابًا اَلِـيْمًا ۝١٨

(١٨) پر انهن ماڻهن جي توبهہ (سچي توبهہ) ناهي جي سڄي عمر بڇڙايون ڪندا رهن جيستائين انهن مان ڪنهن جي مٿان موت اچي بيهي ۽ پوءِ چوي تہ هاڻي مون توبهہ ڪئي. اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن جي توبهہ بہ ڪم جي ناهي جي ڪفر جي حالت ۾ مرن ٿا. انهن سڀني ماڻهن لاءِ (عيني گناہ ڪندڙ مسلمانن توڙي ڪافرن لاءِ) اسان دردناڪ عذاب تيار رکيو آهي.

يٰٓاَيُّھَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَرِثُوا
النِّسَاۗءَ كَرْهًا ۭ وَلَا تَعْضُلُوْھُنَّ لِتَذْهَبُوْا
بِبَعْضِ مَآ اٰتَيْتُمُوْھُنَّ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ
بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۚ وَعَاشِرُوْھُنَّ
بِالْمَعْرُوْفِ ۚ فَاِنْ كَرِھْتُمُوْھُنَّ فَعَسٰٓى اَنْ
تَكْرَهُوْا شَيْـــًٔـا وَّيَجْعَلَ اللّٰهُ فِيْهِ خَيْرًا كَثِيْرًا ۝١٩

(١٩) مومنؤ! توهان جي لاءِ هيءَ ڳالهہ جائز ناهي تہ عورتن کي (فوتيءَ جي) ميراث سمجهي (فوتيءَ جي مال سان گڏ) انهن تي زور سان قبضو ڪيو. نڪي اوهان کي ائين ڪرڻ گهرجي جو جيڪو (مهر يا مال متاع) انهن کي ڏنو هجيو ان مان ڪجهہ ڪائڻ وٺڻ لاءِ مٿن سختي ڪيو ۽ انهن کي روڪي وهاريو. سواءِ ان حالت جي جڏهن هو ظاهر ظهور فاحش ڪم ڪندڙ هجن ۽ هنن سان گڏ گذارڻ ۾ انصاف ۽ مهرباني جي هلت ڪيو، پر جيڪڏهن توهان کي هو ناپسند هجن (تہ بگڙجي نہ وڃو) ممڪن آهي تہ توهان ڪنهن ڳالهہ کي ناپسند ٿا ڪريو، پر الله تعاليٰ ان ۾ اوهان جي لاءِ وڏي چڱائي رکي هجي.

وَاِنْ اَرَدْتُّمُ اسْتِبْدَالَ زَوْجٍ مَّكَانَ زَوْجٍ ۙ وَّ
اٰتَيْتُمْ اِحْدٰىھُنَّ قِنْطَارًا فَلَا تَاْخُذُوْا مِنْهُ
شَـيْـــًٔـا ۭ اَتَاْخُذُوْنَهٗ بُھْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ۝٢٠

(٢٠) ۽ جيڪڏهن توهان ارادو ڪيو تہ هڪڙيءَ زال کي ڇڏي ٻي آڻيو ۽ جيڪڏهن پهرئين زال کي سون ۽ چاندي جو ڍير (مهر ۾) ڏنو هجيو تڏهن بہ ائين ڪرڻ نہ گهرجي جو هن کان ان مان ڪجهہ واپس وٺو. ڇا توهان بهتان لڳائي ۽ ظاهر ظهور ظلم ڪري مال ڪسي وٺندؤ؟

وَكَيْفَ تَأْخُذُونَهُ وَقَدْ أَفْضَىٰ بَعْضُكُمْ إِلَىٰ بَعْضٍ وَأَخَذْنَ مِنكُم مِّيثَاقًا غَلِيظًا ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ ڪيئن مال کسي وٺندؤ، جڏهن ته زال مڙس ٿي رهيا آهيو ۽ اوهان جي زالن نڪاح جي وقت (پنهنجي حقن جو) عهد اقرار اوهان کان وٺي ڇڏيو آهي.

وَلَا تَنكِحُوا مَا نَكَحَ آبَاؤُكُم مِّنَ النِّسَاءِ إِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ۚ إِنَّهُ كَانَ فَاحِشَةً وَمَقْتًا وَسَاءَ سَبِيلًا ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ انهن عورتن کي پنهنجي نڪاح ۾ نه آڻيو جن کي توهان جي والد نڪاح ۾ آندو هو (عرب اڳي ائين ڪندا هئا) هن کان اڳي جو ڪجھ ٿي چڪو سو ٿي چڪو. (ائنده لاءِ ياد رکو ته) اهو وڏو فاحش ڪم هو، نفرت جهڙو ڪم هو ۽ ڪنو بڇڙو دستور هو.

## رڪوع 4

## جن عورتن سان نڪاح حرام آهي، جن سان جائز آهي

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمْ أُمَّهَاتُكُمْ وَبَنَاتُكُمْ وَأَخَوَاتُكُمْ وَعَمَّاتُكُمْ وَخَالَاتُكُمْ وَبَنَاتُ الْأَخِ وَبَنَاتُ الْأُخْتِ وَأُمَّهَاتُكُمُ اللَّاتِي أَرْضَعْنَكُمْ وَأَخَوَاتُكُم مِّنَ الرَّضَاعَةِ وَأُمَّهَاتُ نِسَائِكُمْ وَرَبَائِبُكُمُ اللَّاتِي فِي حُجُورِكُم مِّن نِّسَائِكُمُ اللَّاتِي دَخَلْتُم بِهِنَّ فَإِن لَّمْ تَكُونُوا دَخَلْتُم بِهِنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ وَحَلَائِلُ أَبْنَائِكُمُ الَّذِينَ مِنْ أَصْلَابِكُمْ وَأَن تَجْمَعُوا بَيْنَ الْأُخْتَيْنِ إِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ۗ إِنَّ اللَّهَ كَانَ غَفُورًا رَّحِيمًا ﴿٢٣﴾

(٢٣) هنن عورتن سان نڪاح ڪرڻ اوهان لاءِ حرام ٺهرايو ويو آهي، اوهان جون مائر، اوهان جون ڌيئر، اوهان جون ڀينر، اوهان جون ڦڦيون، اوهان جون ماسيون، اوهان جون ڀائٽيون، اوهان جون ڀاڻيجيون، اوهان کي ٿڃ پيارڻ واريون مائون، ٿڃ واريون ڀينر، توهان جي زالن جون مائر، توهان جي زالن جي اڳين مڙسن جون ڌيئر جي توهان جي سنڀال هيٺ آيون آهن، جيڪڏهن توهان پنهنجي زالن سان همبستر ٿي چڪا آهيو، پر جيڪڏهن (نڪاح جو عقد ٻڌل آهي پر) زالن سان اڃا همبستر نه ٿيا آهيو، پوءِ (انهن کي طلاق ڏيئي) انهن جي ڌيئرن کي نڪاح ۾ آڻيو ته اوهان تي گناه ڪونهي، توهان جي حقيقي پٽن جون زالون (به اوهان کي حرام آهن) ۽ (پڻ هي ڳالھ به حرام ڪيل آهي ته هڪ ئي وقت ۾) ٻن ڀينرن کي نڪاح ۾ آڻيو. (هن حڪم جي نازل ٿيڻ کان) اڳي جيڪي ٿيو سو ٿيو، الله تعاليٰ بيشڪ بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.